




# دلبر ديس ۾ دل

نظم ۽ آزاد نظم

**زاهد شيخ**

**نئون نياپو اڪيڊمي**
**سچل ڳوٺ، ڪراچي سنڌ**

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

دلبر ديس ۾ دل

www.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”دلبر ديس ۾ دل“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ناميارِي شاعر ۽ راڳي **زاهد شيخ** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي، جنهن ۾ نظم ۽ آزاد نظم شامل آهن. غوث پيرزادو لکي ٿو:

”زاهد شيخ جديد سنڌي شاعري جو جيترو سگهارو نالو آهي اوترو ئي وڏو ماڻهو آهي. هي پنهنجي سڀاءَ ۾ انتهائي پيار ڪندڙ انسان آهي. زاهد شيخ جي نظمن ۾ بي ساختگي پنهنجي اوج تي نظر اچي ٿي اهڙيءَ ريت سندس ٻولي بہ ڪارونجهر جيان ڪر ڪنيون ٻيٺل نظر اچي ٿي. سندس ٻوليءَ ۾ مناڻ جا بہ مڻ آهن ۽ معصوميت سان گڏ هو شعر چوندي شاعريءَ جي عميق گهرائي ۾ وڃي اظهار ڪري ٿو ان ڪري جڏهن سندس شاعري پڙهڻ ويهجي ٿو تہ چئجي ٿو تہ پڙهندو ئي رهجي.“

هي ڪتاب 2017ع ۾ **نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ، ڪراچي** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون نئون نياپو جي سرواڻ **انعام سنڌيءَ** جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ ٿورا پياري **زاهد شيخ** جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





# دلبر ديس ۾ دل

## زاهد شيخ

موضوع: نظم ۽ آزاد نظم
انگ: هڪ هزار
ڇاپو پهريون: جون 2017
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
سي-4، سچل ڳوٺ گلشن اقبال ڪراچي
Ph: 021_34690389
Cell # 0333_2311582
**مُلهه: 300 رپيا**

استاڪ
**سنڌ بڪس ڪراچي**
M.G-4, دي بڪ مال سامهون وومين ڪاليج اردو بازار ڪراچي، سنڌ
021-32711010

# ارپنا

مان پنهنجو هي ڪتاب دنيا جي
سمورن پورهيت ماڻهن
جي نانءِ ڪيان ٿو.



# پنهنجي پاران

جيڪر مُنهنجي ديس ۾ امن ۽ انصاف هُجي ها تہ منهنجي شاعري بہ رُڳو حُسن ۽ عشق جي جذبن سان ڀرپور هُجي ها، خوشين جا ميلا، مُرڪون، ٽهڪ ۽ خوبصورتين جا عڪس منهنجي شاعريءَ جا خاص موضوع هجن ها پر اِن جو مقصد اِهو هرگز ناهي تہ ڪو منهنجو من هينئر اهڙن جذبن کان بلڪل خالي آهي نہ منهنجا سائين، اِهي جذبا تہ هر شاعر جي اندر جيان منهنجي اندر جو بہ مرڪز آهن پر هن وقت مان هڪ غلام قوم جو شاعر آهيان ان ڪري قومي غلاميءَ جا عذاب منهنجين سوچن تي حاوي رهن ٿا، منهنجي ديس تي هر طرف ڌارين جو قبضو آهي پنهنجي ئي وطن ۾ بي وطن هجڻ جا عذاب جڏهن منهنجي من کي وڍين ٿا تڏهن ئي تہ مان پنهنجي هر شعر ۾ پنهنجي اندر جي باهہ جا شعلہ ڀريان ٿو هيءَ شاعري ائين ئي ڪو نہ ٿي ٿئي جڏهن ڪو ڏڪ لڳي ٿو تڏهن ئي دانهون ڪجن ٿيون مون کي خبر آهي تہ هنن دانهن جو رستو تختہ دار ڏي وڃي ٿو پر مونکي دانهون ڪرڻيون آهن ۽ ڪندو رهندس، ”دلبر ديس ۾ دل“ کي گڏ ڪٽي ”درد ڏکايل ديس جا“، لکندو ئي رهندس اِن اُميد سان گڏ تہ من منهنجي هن درد مند ديس جا مانجهي مُڙس ۽ باهمت مايون جاڳي پون ۽ پاڻ ۾ ڪا اهڙي قومي ٻڌي ڪري وجهن جنهن سان پنهنجي ديس کي قومي ۽ طبقاتي غلاميءَ جي عذابن مان ڪو آجپو ڏياري سگهجي.

اوهان جو پنهنجو

زاهد شيخ

ڪراچي سنڌ

# مهاڳ

***منهنجي*** لاءِ حيرانيءَ گاڏڙ خوشيءَ جو مقام آهي جو مان سنڌ جي ارڏي شاعر زاهد شيخ جي شعري مجموعي "دلبر، ديس ۽ دل" جو مهاڳ لکي رهيو آهيان. جيڪو سندس نظمن تي آڌاريل آهي. هن جي روح مان ڦٽي نڪتل تحريرن کي پڙهي ان ڳالهه ۾ ويساهه پختو ٿيندو آهي ته شاعر فطري طور پيدا ٿيندا آهن. لکين ڪروڙين اربين ماڻهن مان چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ئي شاعر، اديب ۽ ليکڪ ٿيندا آهن جيڪي آڪاش مان تارا لاهي اسان جي روح ۾ پوئيندا آهن ۽ ڪي ماڻهو اهڙا بي هوندا آهن جيڪي پنهنجي پيڙا کي لفظن جو ويس ڍڪائڻ ۾ ناڪا ويندا آهن. فطري طور پيدا ٿيل شاعرن جي هر سٽ توهان جي روح کي جهنجهوڙي ڇڏيندي آهي، هر لفظ توهان جي ضمير کي ڇهنديون پائيندو آهي ۽ هر جملو توهان جو چين چورائي هليو ويندو آهي، ٻيءَ صورت ۾ اٿ ڪتابن جا تاريخ جي اڏوهيءَ جو کاڄ بڻجي ويندا آهن. ديوانن جا ديوان ماڻهن جي روح تائين رسائي حاصل نه ڪري سگهيا ۽ پنن جو ڍير بڻجي رهجي ويا ۽ ڪي اهڙا شاعر به پيدا ٿيا جن جي سموري شاعري ماڻهن جي دلين تي لکجي وئي، صديون گذرڻ جي باوجود ماڻهو سندن شاعريءَ جو ورد ڪندا رهيا ۽ سالن جا سال سندن گيت ماڻهن جي چپن تي جهونگاربا رهيا.ماڻهن سندن ڪلامن کي دلين ۾ لاهي ڇڏيو ۽ سندن تخليقن سان روح کي گرمائيندا رهيا. سنڌي شاعريءَ کي به پنهنجو صدين جو هڪ پسمنظر رهيو آهي ڪلاسيڪل شاعريءَ کان وٺندي جديد سنڌ شاعريءَ تائين جو سفر ڪوڙ سارين پراسرار راتين سان ڀريو پيو آهي، ڪوڙ سارا دلفريب منظر ۽ ڪوڙ ساريون ڪربلائون سميٽي رکندڙ سنڌي شاعريءَ جي تاريخ پڙهجي ٿي ته دل باغ بهار ٿي وڃي ٿي جڏهن ڀٽائيءَ جوبيت"هڻ ڀالا وڙهه ڀاڪرين، آڏي ڍال ۾ ڍار: شاهه" جڏهن پڙهجي ٿو ته ان ڳالهه ۾ ويساهه پختو ٿي وڃي ٿو ته جيڪڏهن اوهان سموري دنيا جي پرواهه نه ڪندي رڳو دل سان هم ڪلام ٿيا ۽ بنا ڪنهن خوف جي پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو ته پوءِ لفظ به اوهان جو ساٿ ڏيندا، ٻولي به اوهان جي اڳيان رقص ڪرڻ لڳندي ، اڪر اوهان جي اڳيان ٻانهون ٻڌي پنهنجي استعمال لاءِ اوهان کي ٻاڏائيندو ۽ بي ساختگي به اوهان جي تخليق جو زيور بڻجي ويندي جيڪي ڳالهيون ئي شاعريءَ جي حسن جو ثبوت آهن.

سوشل ميڊيا جي اچڻ کان پوءِ سنڌي شاعري جو مقداراسان جي سماج ۾ وڌيو آهي. سنڌ جو نوجوان جهجهي انداز ۾ شاعري ڏانهن موٽي آيو آهي ۽ اهڙي دور ۾ وري سنڌي شاعري ۾ ساهه پوندي نظر آيو آهي جنهن دور ۾ اسان جو سماج هڪ مانار مان گذري رهيو هو. اتساهه جا ذريعا سويت يونين جي ٽٽڻ کانپو هڪ هڪ ٿي ختم ٿي رهيا هئا ڇو ته سويت يونين جي موجودگي واري دور ۾ سموري دنيا اندر سياسي تحريڪن جو هڪ دور هلندڙ هيو. جيڪي تحريڪون تبديلي، انقلاب ۽ مذاحمت لاءِ اتساهينديون هيون. انقلابي نوجوان ڪتاب پڙهندا هئا دنيا جي انقلابن بابت ڏينهن رات اسٽڊي ڪرڻ سندن معمول بڻجي ويو هو. ڪنهن دور ۾ نوجوانن جي لاءِ اسٽڊي سرڪلس هلنديون هيون، ادبي سنگت جا ڪلاس منجهن روح ڦوڪيندا هئا ۽ سنڌ جو تخليقي عنصر هڪ تحرڪ ۾ هيو. ان جو اهو مطلب به نه آهي  ته ڪو تحريڪن مان اتساهه جي نتيجي ۾ رڳو مذاحمتي شاعري ٿي رهي هئي پر ايترو هيو جو رومانوي شاعري به پنهنجي اندر ۾ هڪ گهرائي کڻي بيٺل هئي پر جيئن ئي سنڌ جي اندر سياسي

تحريڪن جو زور ختم ٿيو عالمي وايو منڊل تبديل ٿي ويو تہ نئين ٿهيءَ جي اندر خطرناڪ خاموشيءَ جنم ورتو ۽ ڏهاڪو سال کن جي ٻڌتر سنڌ جي تخليقي ماحول کي بہ پنهنجي آفت جو شڪار بڻايو پر سوشل ميڊيا جي اچڻ سان هڪ فائدو اهو ٿيو جو نوجوانن جو وڏو انگ شاعري ڏانهن آيو توڙي جو انهن جي ڪا ايڏي وڏي اسٽڊي بہ نہ هئي نہ وري ڪو سياسي شعور ۽ ان شعور مان ڦٽي نڪتل تحرڪ سان مڪا ميل ٿيا هئا پر جيئن تہ شاعري کي فيس بوڪ تي رکڻ سان سندن نالو ۽ تصوير فيس بوڪ تي اچي رهي هئي تنهن ڪري هنن جو شاعري ڏانهن اچڻ ضروري بڻجي ويو يا وري هو جبري طور شاعري ڏانهن آيا جنهن ڳالهہ کي هر صورت ۾ اتساهي ئي سگهجي ٿو ڇوتہ هاڻي هن سماج ۾ وڏيڪ ڌاڙيل, گندا ۽ چور پالڻ جي سگهہ نہ رهي آهي تنهن ڪري شاعر جو هجڻ پڻ هڪ سياويڪ آهي ۽ وڏي انگ ۾ شاعر فيس بوڪ تي نظر اچن ٿا جيڪو هڪ مثبت عمل آهي پر جيئن تہ تاريخ جو ڦيٿو هڪ هنڌ بيهي نہ ٿو رهي تنهن ڪري شاعرن جي هڪ وڏي فوج ۾ ڪوڙ سارين تبديلن جي ضرورت بہ نظر اچي ٿي. فيس بوڪ تي پنهنجي سماج کي پڙهڻ جو جهجهو موقعو مليو آهي جنهن مان اها بہ خبر پوي ٿي تہ هاڻي اسان جي سماج مان سهپ ختم ٿي رهي آهي, نوجوان هرويرو جي وهوا چاهي ٿو ڪچين ڦڪين شين تي ڪيس ڪنهن بہ صورت ۾ تعريف گهرجي ٿي. پراڻي ٿهي جڏهن نئين ٿهي هئي تہ اها تنقيد کي پليڪار ڪندي هئي پر اڄ جي ٿهي تنقيد کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي جيڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي بہ سگهي ٿي تہ اڄ جو نوجوان جو اهو بيڪ گرائونڊ ناهي جيڪو ستر, اسي يا نوي جي ڏهاڪي وارن نوجوانن جو هيو پر افسوس جو عالم اهو آهي تہ سينيئر پيڙهيءَ جا شاعر وري خودساختہ گرو بڻجي ويا آهن. هنن کي ٿورو بہ پير مرشد وارو پروٽوڪول نہ ٿو ملي تہ هو هيناهينءَ تي لهي اچن ٿا ۽ اهڙي قسم جي ٻولي ڳالهائڻ شروع ڪن ٿا جن سان اديب جو اميج معاشري جي اندر خراب ٿي وڃي ٿو ۽ ڪيترائي سينيئر شاعر اوهان کي چوويهہ ڪلاڪ فيس بوڪ تي ويٺل نظر ايندا جن جا بہ ڪوڙ سارا چيلا پاليل آهن



جيڪي هر وقت هٿيارن سان ليس هوندا آهن ۽ اهڙي صورتحال ۾ اگر ڪنهن جي ڦٽي ٿي ۽ گرو تي ڪا تنقيدي نظر وجهي ٿو چڙي تہ پوءِ الله خير صلاه سو اهڙي صورتحال ۾ ڪي شاعر يا اديب پڻ موجود آهن جيڪي خاموشيءَ سان پنهنجو تخليقي پورهيو بہ ڪري رهيا آهن ۽ سنڌ کي ڏڏا ڏڏ ادب بہ ڏئي رهيا آهن. جن ۾ شاعر زاهد شيخ پڻ هڪ آهي جنهن هميشہ جنڊا پٽ کان پاسو ڪندي پنهنجو تخليقي ڪم ئي پئي ڪيو آهي.

اسي جو ڏهاڪو سنڌ ۾ سياسي تحريڪن جي اوج جو زمانو هو يا نظرياتي سياست پنهنجو آخري ڀرپور دور گذاري رهي هئي, تڏهن سنڌ جي فضائن ۾ هڪڙو گيت هڪ رڙ جيان گونجي اٿيو هو جنهن هر ٻڍي توڙي ٻار کي جهنجهوڙي ننڊ مان جاڳائي وڌو هو جنهن گيت سنڌ جي مڙدي ۾ ٻيهر ساهہ وجهي ڇڏيو هو جنهن گيت لکين ماڻهن کي جدوجهد لاءِ تيار ڪري ڇڏيو هو سچ بہ اهو معجزو هيو جو سالن جي جدوجهد ۽ نظرياتي سياست ماڻهن کي ايترو تحريڪن سان نہ جوڙيو هو جيترو هڪ گيت ماڻهن جي اندر ويڙهہ جو ساهہ ڦوڪيو هو.

"ٻالڪ ٻالڪ هاريءَ جو ڪانئر اک ۾ ڪنڊو آ,
ننڍڙي ننڍڙي هٿڙي ۾ اڄ ڳاڙهو ڳاڙهو جهنڊو آ"

يا

قاتل او قاتل بدلو وٺنداسي
هر خون جي قطري قطري جو

اهي گيت سنڌ جي ان سانوري نوجوان ڳاتا هئا جيڪو سرمد سنڌيءَ جي نالي سان سنڌ جي دلين تي حڪمراني ڪرڻ لڳو هو. پر ماڻهن هنن گيتن جي تخليقڪار جا هٿ ۽ پير چمڻ چاهيا هئا ۽ سندس اکين کي سجدا ڪيا هئا سو سنڌ جو خوبصورت شاعر زاهد شيخ هيو ۽ زاهد شيخ ئي هيو جنهن جديد سنڌي شاعريءَ کي ماڻهن جي اندر مزاحمت جي صورت ۾ آڊيو ڪيسيٽن ذريعي آڻڻ جو اهو انداز آندو هو جيڪو نہ تہ هن کان اڳ ڪٿي نظر آيو هو نہ وري بعد ۾ ڪٿي نظر آيو. هن کان اڳ

جلسن ۾ شاعر پنهنجي زباني گيت جهونگاري دلين جون ڌڙڪنون بڻيا هئا، جن کان سواءِ محفلون ويران لڳنديون هيون ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي، همدرد ۽ ٻيا ڪوڙ سارا شاعر جن ۾ منظور سولنگي ۽ حافظ رجب کي بہ نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي سي جلسن کي پنهنجي انقلابي گيتن سان گرمائي ڇڏيندا هئا جن کي تاريخ هميشہ اتساه سان ياد رکندي ۽ وري جڏهن زاهد شيخ آيو تہ هو پاڻ سان سڀ ڪجهہ نئون کڻي آيو. هي ٻيئل پاٽيءَ ۾ پٽر جيئان نئين دور جو اهڙو جادوئي آواز ٿي گونجيو جنهن ٻارڻ ٻاري ڇڏيا. هن ۾ جيڪا ٻين مٿين کان ڳالهہ مختلف هئي سا اها هئي تہ هي جلسن ۾ ڳائيندڙ شاعر بہ هيو تہ گڏو گڏ هو اهڙو شاعر بہ هيو جنهن آڏيو جي دنيا تي قبضو ڪري ورتو. ڪيسيٽن ذريعي سندس شاعري سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدن کي هٿائي هڪ ڪري ڇڏيو هو. هن جي شاعريءَ جون ڪيسيٽون دڪانن تي بليڪ تي وڪامڻ لڳيون. ڪيسيٽ آئي ناهي ۽ وئي ناهي. هي شاعر ئي هيو جنهن سرمد سنڌي کي سرمد سنڌي بڻايو. جهڙيءَ ريت منظور سخيراڻي جي روزي روٽي استاد بخاري ۽ تبسم سان وابستہ ٿي وئي هئي اهڙي ريت سرمد سنڌي جي روزگار جو ذريعو زاهد شيخ جي شاعري بڻجي وئي، جنهن هن جو بنياد پختو ڪيو ۽ ڪيس سنڌ جو ٻيجل بڻائي ڇڏيو اها ٻي ڳالهہ آهي تہ شهرت جي بلندين تي پهچڻ بعد سرمد پنهنجي محسن کي ڪيترو مان ڏنو هو.

زاهد شيخ جا گيت بسن، ٽرڪن، رڪشن، ۽ هوٽلن تي عوام جي خاص ضرورت بڻجي ويا. ۽ اصل ۾ اهائي هڪ شاعر جي ڪاميابي هوندي آهي تہ هو عوام جي دلين جو ڌڙڪو بڻجي رهجي وڃي جيئن تہ هڪ شاعر جو اهو ڪمال هوندو آهي تہ هو ٽرينڊ سيٽر بڻجي وڃي ۽ هو ڪجهہ اهڙو ڏئي وڃي جيڪو مثال بڻجي وڃي. ۽ زاهد شيخ جي گيتن جي بي انتها مقبوليت کان پوءِ اها راءِ بہ رد ٿي وئي تہ روايتي شاعري ئي عوامي شاعري هجي ٿي ۽ جديد شاعرن کي عوام نہ ٿو سڃاڻي پر پوءِ اها ڳالهہ عالم آشڪار ٿي وئي تہ جيڪڏهن اوهان عوام سان دل سان سلهاڙيل آهيو ۽ جيڪڏهن ڌرتي جي دکن جو ادراڪ رکو ٿا تہ اهو اوهان جي تخليق ۾ رت



جيان ڊوڙڻ لڳي ٿو ۽ عوام اوهان کي ڀاڪرن ۾ ڀري وٺي ٿو. سو زاهد جا گيت نہ رڳو عوام جي دلين جو ڌڙڪو بڻجي گونجيا هئا پر هن جي گيتن ٻڙڇيون بڻجي سماج جي فرسوده روايتن کي چچري ڇڏيو هو هن جو آواز ان الحق جو آواز بڻجي پيو هو ۽ هن جا گيت تحريڪن جي جان بڻجي ويا هئا. هن ڪڏهن بہ ان سوال تي بہ نہ سوچيو تہ مونکي ماڻهن جي طرفان ڪهڙي موٽ ملي ٿي؟ هن ان جو روئڻو بہ نہ رنو آهي تہ منهنجي گيتن جي بدلي ۾ مونکي ڇا مليو آهي؟ ٿي سگهي ٿو تہ ڪيس اها پڪ هجي تہ اڄ بہ هن جو نالو عوام جي دلين تي لکيل آهي اڄ بہ ماڻهو هن سان ايتري محبت ڪن ٿا جيتري هن جي شروعاتي دور ۾ هن سان ڪندا هئا پر هڪ تخليقڪار کي اهڙي شڪايت ڪرڻ بہ نہ گهرجي ڇو تہ هو اهو نيت ۾ رکي لکي بہ نہ ٿو تہ ڪو مونکي ان جي بدلي ۾ اسٽيٽس ناهڻو آهي يا وري جيڪي اهو ذهن ۾ رکي لکن ٿا تن کي ڪا عزت ملي آهي.

زاهد شيخ جديد سنڌي شاعري جو جيترو سگهارو نالو آهي اوترو ئي وڏو ماڻهو آهي. هي پنهنجي سڀاءَ ۾ انتهائي پيار ڪندڙ انسان آهي، جڏهن بہ ملندو تہ مرڪ سندس چهري تي رقص ڪندي نظر ايندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن هن سان جڏهن ڪا مذاق ڪبي آهي تہ هو انهن شرميلين ڇوڪرين جهڙو بہ ٿي پوندو آهي جيڪي پيار جو اظهار ڪندي ڪندي پنهنجو محبوب وڃائي ويهي رهنديون آهن. هي سانورو شهزادو انتهائي الهہ لوڪ ۽ پنهنجي تنهائي سان پيار ڪندڙ ماڻهو آهي. هن سان ملندئو تہ توهان سان دل کولي ڪچهريون ڪندو، جيءَ ۾ جايون ڏيندو ۽ دل جا سمورا دسترخوان وڇائي اوهان جو آڌر ڀاءُ ڪندو. وٽس ويندا تہ اٿي ڀاڪر پائي اوهان کي پنهنجي جاءِ تي ويهاريندو پر جيڪڏهن نہ ويندا تہ پنهنجي گهر خوش هجو. هي سموريون ڳالهيون ڪرڻ انتهائي ضروري بہ انڪري هونديون آهن جو اوهان جو سڀاءُ ضرور اوهان جي شاعريءَ سان لاڳو هوندو آهي ۽ مٿين ڳالهين ڪرڻ جو مطلب بہ آهي تہ هن جو سڀاءُ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ هو انتهائي، سڀاجهو، ٻاجهارو، پيار ڪندڙ ۽ مرڪون آڇيندڙ تہ آهي ئي پر هو ارڏو بہ آهي. هو ڪڏهن بہ ڪنهن سطحي ڳٽي جو

شڪار نہ ٿو ٿئي ۽ اها ئي هڪ تخليقڪار جي سڃاڻپ آهي. زاهد شيخ ڊگهي عرصي کان شاعري سرجي پيو ۽ ڊگهي عرصي کان ڪراچي ۾ رهي پيو ۽ هو سنڌ جو مڃيل شاعر آهي ۽ سنڌ ان حوالي سان ئي کيس ياد ڪري ٿي هن جو ادبي قد ڪاٺ ڪيترن انهن شاعرن کان مٿي آهي، جن رڳو شاعريءَ ۾ شمار ٿيڻ لاءِ لکين روپيا دعوتن تي لٽائي ڇڏيا. جن جي لکين رپيا پگهار جو پنجاهہ سيڪڙو اديبن جي دعوتن تي صرف ٿئي ٿو پر زاهد شيخ سنڌي شاعريءَ جو علي بابا آهي نہ تہ کيس وڏو شاعر هجڻ جي باوجود وڏو سڏائڻ جو ڪمپليڪس آهي نہ وري کيس اسٽيجن تي صدارتن جو شوق آهي. پر اسان جي ادبي ادارن جي نابينائي چئبي جو هو اهڙي شخص کي اهڙن موقعن تي ياد ڪرڻ کان ڪيٻائيندا آهن جن موقعن تي هن شاعر ۽ هن ڪلاڪار جو هجڻ انتهائي ضروري هوندو آهي. ڪلاڪار جو لفظ آيو ئي آهي تہ اهو بہ ذڪر ڪندو هلجي تہ انتهائي سريلو ۽ محفلون لٽيندڙ راڳي بہ آهي ۽ هو پيشي جي لحاظ کان استاد بہ آهي پر هن ڪڏهن بہ پنهنجي پاڻ پڏائيءَ کي اهميت نہ ڏني آهي.

جڏهن اديبن جا هڪ ٻئي جا قد ڪڇائيءَ تي جهڳڙا ٿيندا آهن ۽ هو هڪ ٻئي جو قد ننڍو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ نهايت ئي هيٺ لهي ويندا آهن ان وقت زاهد شيخ ضرور ياد ايندو آهي ۽ ضرور اهو جواب ملي ويندو آهي تہ هي شخص اديبن کان ايترو پري ڇو آهي ۽ سيني کان پري ويهي ڪري پنهنجي ڪم ۾ ڇو مگن آهي؟ تہ هڪ خوشيءَ ڳاڏڙ اها وضاحت بہ ملي ويندي آهي تہ شايد اهو ئي سبب آهي جو هو لڳاتار لکي رهيو آهي ۽ شاهڪار لکي رهيو آهي سندس قلم ڪٿي بہ مانو نہ ٿيو آهي. هن اڪيچار شاعريءَ جا مجموعا سنڌ کي ڏنا آهن. هن ڀرپور غزل بہ لکيو آهي تہ سڏڪندڙ وايون بہ لکيون آهن تہ ڇيريون پائي ڇم ڇم ڪندڙ گيت بہ ڏنا آهن.

هاڻي سنڌ جي هن حسين شاعرجو آزاد نظمن جو هي مجموعو " دلبر ديس ۽ دل" بہ سنڌ جي جهول ۾ اچي رهيو آهي جنهن جو عنوان بہ اهڙو آهي، جيڪو ٻڌائي ٿو تہ محبوب جيترو ئي وطن عزيز آهي ۽ زاهد شيخ



جڻ تہ اهو چوندي نظر اچي ٿو تہ هر دل جو ڌڙڪو ٻڌي سگهڻ جي سگهہ رکان ٿو تنهن ڪري ئي لڳاتار لکي رهيو آهيان. زاهد شيخ جون وايون پڙهي چئبو آهي تہ هي واين جو ئي خوبصورت شاعر آهي وري غزل پڙهي لڳندو آهي تہ هن کي رڳو غزل ئي لکڻ گهرجن ۽ اڄ جڏهن سندس نظم نظر مان گذريا آهن تہ لڳي ٿو تہ هو نظم جو تہ انتهائي سگهارو شاعر آهي ۽ اها ئي هڪ فطري تخليقڪار جي سڃاڻپ هجي ٿي تہ ڪا بہ صنف کيس پنهنجي پنجوڙن ۾ جڪڙي نہ سگهي. هو جنهن بہ صنف تي هٿ رکندو تہ لڳندو هو ان ئي صنف تي سيني کان وڌيڪ قدرت رکي ٿو.

سندس نظمن ۾ بي ساختگي پنهنجي اوج تي نظر اچي ٿي اهڙيءَ ريت سندس ٻولي بہ ڪارونجهر جيان ڪر ڪنيون بيٺل نظر اچي ٿي سندس ٻوليءَ ۾ مناڻ جا بہ مڻ آهن ۽ معصوميت سان گڏ هو شعر چوندي شاعريءَ جي عميق گهرائي ۾ وڃي اظهار ڪري ٿو ان ڪري جڏهن سندس شاعري پڙهڻ ويهجي ٿو تہ چئجي ٿو تہ پڙهندو ئي رهجي.

جيئن تہ شاعر بنيادي طور تي رومانوي طبعيت جو ٿيندو آهي رومانس هن جي روح جي لاءِ آڪسيجن هوندو آهي ۽ اها رومانوي اک ئي کيس شاعر بڻائي ڇڏيندي آهي. هن مجموعي ۾ سندس هڪ نظم "ڦهرين چمي" پڙهندي ماڻهو جو روح تاريخ جي ويرانين ۾ ڀٽڪڻ لڳي ٿو. توڙي جو هي نظم حيدرآباد ۽ سنڌ ۾ ٿيندڙ سنڌين جي قتل عام جي پسمنظر ۾ لکيل آهي پر هن جي وسعت مڪلي جي قبرستان ۾ گونجندڙ سڏڪن ڏانهن وٺي ٿي وڃي، صدين کان هن ڌرتي جي ماڻهن جي بي گناهہ وهايل خون جي ڪهاڻي تي لڳي جنهن ڪهاڻي ۾ نہ رڳو مرد پر عورتون بہ وڙهيون آهن، جن هر دور ۾ پٽي مذاحمت ڪئي آهي سو هي نظم تاريخ جو نوحو ٻڌجي اسان جي سامهون اچي ٿو ۽ اسان کي هڪ ڪارو ويس اوڍائي هليو ٿو وڃي. هن نظم جو هيرو پنهنجي نئين پرڻيل ونيءَ کي چوي ٿو تہ ڦهرين چمي بندوق کي ڏيندس ۽ جڏهن ڪراچي مان موٽي ايندس تي ٻي چمي تنهنجي ڳاڙهن ڳٽن کي ضرور ڏبي. شاعري تاريخ جو سچ ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن ان کي ڪو شاعر اظهارڻ ۾ ڪامياب ويو تہ اهو زاهد شيخ

جيان عوام جي دلين ۾ پيو ڌڙڪندو آهي. هن ئي نظم ۾ هو محبوبا کي چوي ٿو:

”چڱو هاڻي گڏجي وڪون ٽا ڪٽون
وڏي وير ٻڻجي وڏي ٽا هلون“

اهو ئي ڪلائيميڪس آهي نظم جو ۽ اهو ئي اتساهه آهي جيڪو ايمان کي تازو ڪري ٿو ڇڏي جڏهن تخليقڪار حالتن جي اڳيان هار نه ٿو ڪائي. بنيادي طور تي زاهد شيخ ڌرتيءَ جو شاعر آهي هن جي شاعري جو محور ڌرتي آهي ۽ پنهنجي ڌرتي تان بيهي دنيا جي حسن کي ڳائڻ ڪيترو لطف ڏيندڙ آهي سو سچ به ”دلبر ديس ۽ دل“ پڙهڻ کان پوءِ واضح ٿئي ٿو. نظم اجرڪ به من کي موهي ٿو وجهي:

ستارن جي دنيا مان اجرڪ جو منظر
هوائن جي سنگم سان ڌرتيءَ تي آيو
ته مهراڻ موجن ۾ مستي مچي وئي

متيون نظم ان ڳالهه جي شاهدي آهي ته ثقافتي طور تي شاعر ڪيترو گهرو آهي ۽ سندس هر حواس ۽ انگ انگ تي ڌرتي جو حسن جهومندي نظر اچي ٿو. هن وٽ شاعري رڳو سهڻا لفظ ناهن جيڪي ماڻهو کي گهڙي پل جو مزو ڏين پر هن وٽ شاعري غيرمحسوساتي طريقي سان پنهنجو مقصد ڪٽي اچي ٿي ۽ هو اجرڪ جي حسن جو ذڪر ڪندي ۽ ان اجرڪ کي ڪلهڙن تي نهندڙ چوڻ کان وٺي آخر اتي وڃي ٿو پڄاڻي تي پهچائي ته هن اجرڪ رکندڙ ديس جا ماڻهو امن پسند آهن جيڪي دنيا جي مظلومن سان گڏ بيٺل آهن ۽ اجرڪ جڻ ته ظلمن جي اڳيان سچائيءَ جي سڏ جيان بيٺل آهي. زاهد شيخ جي هن مجموعي ۾ ڪراچي نظم به پنهنجي جوهر ۾ تمام گهڻو گهرو آهي, هن کي پڙهندي ڪراچي سان اٽيچمينٽ وڌيڪ گهري ٿي وڃي ٿي پڙهندڙ ڪراچي جي روح کي پنهنجي جسم ۾ گهمندي ڦرندي محسوس ڪري ٿو:



اي زخمي شهر جي خاموشي
مان پيار جو آهيان پانڌيئڙو

هن ۾ جڏهن ڪراچي جي خاموشي سان مخاطب ٿئي ٿو ته روح سراپا درد بڻجي وڃي ٿو هي جيڪو روشنين جو شهر هيو, زندگي جنهنجو استعارو هيو تنهن تي هي خاموشي جي ڪاري رات مڙهيل ڏسي شاعر جو اواز جهيڻو ٿي ويو آهي ۽ ڪيس چوي ٿو ته هي دراوڙي نسل جو ماڻهو پيار پوکيندڙ آهي يا پيار جو پانڌيئڙو آهي اهو تنهنجي خاموشي تي ارهو آهي ۽ ڪيس ٻڌائي ٿو ته هن شهر جون ڪجهه يادون آهن جيڪي منهنجو سرمايو آهن.اها نرالي شام ڪاڏي وئي جيڪا مون هن سان گذاري هئي. مونکي هي مجموعو پڙهندي حيراني صرف اها آهي ته ڇا ڪو تخليقڪار پنهنجي اندر ۾ ايڏو ڪميٽيڊ به ٿي سگهي ٿو جيڪو ڌرتي, تاريخ ۽ عشق کي گڏ گڏ ڪٽي ٿو هلي, پر جواب ملي ٿو وڃي ته ها زاهد شيخ آهي جنهن جي اندر جي دنيا شاعر جي معصوميت جيان آهي ۽ اها ڌرتي جي ارڏي پٽ جي معصوميت به آهي. هن جا نظم جڻ ته اوجاڳن جي هڪ اهڙي ڪٿا آهن جنهن ۾ هڪ هڪ رات سڏڪندي گذاريل ڇتي پٽي نظر اچي ٿي. داخليت ئي ماڻهو جو شناختي ڪارڊ آهي, جيستائين توهان جي تخليق ۾ توهان موجود نه آهيو تيستائين توهان جي تخليق پڙهندڙ تي اثر نه ٿي ڇڏي سگهي. هن مجموعي ۾ ”يادون“ نظم هڪ اهڙو نظم آهي جنهن ۾ شاعر ٻڌائي ٿو ته پيارن کان وڇڙي جيئڻ ڪيڏو عذابناڪ هوندو آهي. انهن ماڻهن کان جدا ٿيڻ برهه جي باهه ۾ جلائي ڇڏيندو آهي جن سان اکيون اکين ۾ ملائي اوهين ڪليا هجو رنا هجو ۽ پرتا هجو. جڏهن اهڙا ماڻهو زندگي مان هليا ويندا آهن ته پويان رڳو ويراني رهجي ويندي آهي ۽ اڪيلائي جي نتهڻ اس جو منظر پيش ڪري رهي هوندي آهي. يا وري هڪ نظم ”تون ڇا آهين“ به هڪ داخليت جو سچو اظهار آهي جنهن ۾ هو هڪ ڌڙڪندڙ دل کي جيئڻ جو تيئڻ ڏيکارڻ ۾ ڪامياب ويو آهي:

صبح جي هير تنهنجي پيار جي احساس جهڙي آ
تنهنجي پاسي ۾ هرڪا شام وسڪيءَ جام جهڙي آ

تنهنجي هر مرڪ منهنجي شاعريءَ جو روح بڻجي
وئي

ياوري ساڳئي نظم ۾ چوي ٿو:

نہ پڇندي ڪر مونکان جانان
تہ منهنجي لاءِ تون ڇا هين

هي نظم هوا جي جهوٽي جهڙو آهي جنهن ۾ ڪابہ شعوري ڪوشش نظر نہ ٿي اچي، فطري انداز سان محبوبہ سان مخاطب ٿئي ٿو ۽ اها ئي اوريجنلٽي هوندي آهي جيڪا هڪ ليکڪ کي زندهہ رکندي آهي ۽ اوريجنلٽي زاهد جي هر نظم ۾ جيئن جو تيئن نظر اچي ٿي. زاهد شيخ جي هن شعري مجموعي ۾ مضمونن جي ورائٽي بہ ملي ٿي تہ سوچن جا اکٽ سمنڊ بہ ملن ٿا، هن ۾ نہ رڳو ڌرتي موجود آهي پر هن ۾ سمنڊ بہ آهي تہ ماهيگيرن جا مسئلا بہ آهن تہ انتهاپسندي تي بہ لکيو ويو آهي. سنڌ جي سرموڙ شاعر استاد بخاري کي بہ ياد ڪيو ويو آهي ۽ هڪ لکاريءَ تي فرض بہ آهي تہ هو ڌرتيءَ جي اتساهيندڙ ڪردارن کي بہ پڙهندڙ جي اڳيان پنهنجي پيٽا طور آڻي کين هڪ قسم جو پيغام ڏئي تہ هي ڪردار اسان جا آهن ۽ هنن کي ياد ڪرڻ اسان جو فرض آهي. زاهد شيخ جو هي شعري مجموعو ڄڻ تہ هڪ آئين آهي يا ڪو اهڙو ڪتاب آهي جنهن تي عمل ڪندي هن سماج جي مڙني براين کي ختم ڪري سگهجي ٿو. هن پنهنجي هن مجموعي ۾ بي جوڙ شادين ۽ ڪارو ڪاري جهڙن مسئلن تي بہ طاقت سان لکي سماج جي بدعتن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي. مثال جي طور تي هو چوي ٿو تہ:

مڙس چوان ٿي لڄ مران، بابو بہ سڏي هن کي نہ سگهان.

هي نظم سماج جي مٿان اهڙي ڦٽڪار آهي جنهن جو پڙاڏو صدين تائين گونجندو رهندو ۽ هڪ فنڪار، هڪ آرٽسٽ يا هڪ شاعر ايترو ئي ڪري سگهي ٿو تہ هو هڪ آئينو ڏيکاري ۽ هڪ هنڌ "ڪاري" نظم ۾ سماج کي هن ريت آئينو بہ ڏيکاريو آهي تہ:

هر ويڙهي ۾ ويو هُل هُلي
هوءَ ڪاري هئي هوءَ ڪاري هئي
پر پوءِ حقيقت ظاهر ٿي



هوءَ بي ڏوهي ويچاري هئي

دلبر ديس ۽ دل زاهد شيخ جي هن مجموعي ۾ سندس شاهڪار نظم

"او قاتل او قاتل، بدلو وٺنداسين
هر خون جي قطر قطري قطري جو"

هي نظم هن مجموعي ۾ شامل آهي جيڪو نظم زاهد شيخ جي ئي سڃاڻپ آهي. اسان کي اميد آهي تہ زاهد اڃان بہ پنهنجي تخليق جي جوهر سان سنڌ کي مالا مال ڪندو رهندو ۽ سنڌ سندس شاعريءَ جي ڪتابن جو محبوبائن وانگر انتظار ڪندي رهندي.

**غوث پيرزادو**

## نظم

# انقلاب

صدين کان هي اکين جا خواب انقلاب ٿا گُهرن
سموري دُنيا جا عذاب انقلاب ٿا گهُرن-

اکين جي آب سان اسان لکئون ڏکن جا باب ٿا
جَبُر اڳيان نٿا جُهڪئون ڪراڪيئون خطاب ٿا
اسان جا سَيُ لکيل ڪتاب انقلاب ٿا گهُرن
سموري دنيا جا عذاب انقلاب ٿا گهرن

پڙهي ٿي هر نظر نظر عظيم علم جا اکر
اسان کي عشق ڏئي چڱيا حَسين سوچ جا سفر
هي نينهن جا نوان نصاب انقلاب ٿا گهرن
سموري دنيا جا عذاب انقلاب ٿا گهرن



پرهہ پرهہ جي ماڪ ٿي صبح جي سج کي سڏي
صبح صبح جو سج ٿو ٻنيءَ ۾ ٻج کي چٽي
چمن جا مهڪندڙ گلاب انلاب ٿا گُهرن
سموري دنيا جا عذاب انقلاب ٿا گهرن

رکو ٿا جي حقير سوچ پنهنجي پاڻ تئين رکو
حُسن تي هاڏي بندشون رکي اوهان نٿا سگهو
شهر شهر منجهان شباب انقلاب ٿا گُهرن
سموري دنيا جا عذاب انقلاب ٿا گهرن

ڏکن ٻُکن ۾ چِا ڪرن زهر جا ڍُڪ ٿا پَرِن
صدين کان درد ۾ دُکيا نسل سوال ٿا ڪرَن
اُٿواِنهن کي ڏيو جواب انقلاب ٿا گُهرن
سموري دنيا جا عذاب انقلاب ٿا گُهرن

زاهد جي گيت گيت ۾ پريت جي پُڪار آ
سُرن ۾ جيڪو سڏ آ سمايو تار تار آ
راهُن ۾ ٿا وڄن رباب انقلاب ٿا گهرن
سموري دنيا جا عذاب انقلاب ٿا گهرن

# جيئي عوام

جيئي عوام جيئي عوام
اسان جو نعرو جيئي عوام

مُريد چئي ٿو تہ پير جيئندو
وڏيرو چئي ٿو وزير جيئندو
پُڇو اسان کان تہ ڪير جيئندو
عوام آهي دلير جيئندو
نٻن سندا هي نہ ناٿ رهندا
نہ ڏاڍ جا قيد ڪاٿ رهندا
ڪِنن ڳُڏن کي ڪبو تمام
جيئي عوام جيئي عوام
اسان جو نعرو جيئي عوام

اوهان جي سياست فراڊ نفرت
اسان جي سياست آهي عبادت
اوهان ڏيو ٿا عذاب ڏاڍا
اسان اُيا ڪِيا ڏکن تي ڏاتا
جلي جلي نيٺ پڙڪنداسين
پلي مَرئون پر نہ موٽنداسين



جَبُر سان جنگيون ڪنداسين عام
جيئي عوام جيئي عوام
اسان جو نعرو جيئي عوام

عوام جذبو عوام جُرئت
عوام ارڏو عوام طاقت
عوام زاهد اسان جو دلبر
عوام سائين عوام رهبر
اجان پُڇو ٿا عوام ڪهڙو
عوام طوفان سمنڊ جهڙو
عوام کي ئي ڪبو سلام
جيئي عوام جيئي عوام
اسان جو نعرو جيئي عوام

## سنڌ بچايون

بدن بدن کي باھہ ٻڌائي
لڳ لڳ پنھنجو لوھہ جو ٿاھي
سارو سورھيہ راڄ سڏائي
پنھنجا ويڙھو ھٿ وڌائي
سنڌ بچائڻ نڪتا آھيون
سنڌ بچائڻ نڪتا آھيون

ھاءِ ڪراچيءَ جون ھي ڪيھون
ڪيسين وِھہُ جا قطرا پيئون
رڳ رڳ رَتو ۾ ريھون ريھون
پر ٿا جيجل ڪارڻ جيئون
تن تن ڪوريءَ منجھہ تپائي
سنڌ بچائڻ نڪتا آھيون
سنڌ بچائڻ نڪتا آھيون

سَنڌُ سَنڌُ سِنڌُ جو سورن سيڪيل
روح روح پنھنجو رَتُ سان ريٽيل
ڳليءَ ڳليءَ ۾ لاش آ ليٽيل
وک وک ورديءَ وارو ويٽل
گھر گھر بميٽ پڙڪيو آھي
سنڌ بچائڻ نڪتا آھيون
سنڌ بچائڻ نڪتا آھيون

ڪيڏي قھري رات ڪني آ
ڏوٿين کي مون دانھن ڏني آ
زاھد مِنڙي موٽ ملي آ
جھانگيئڙن جيءُ جيءُ ڪئي آ
ٿربر لاڙ اُتر اُٿلائي
سنڌ بچائڻ نڪتا آھيون
سنڌ بچائڻ نڪتا آھيون



## انصاف

ھن ديس جي بيوس ماڻُنھن جو
ھر دل جي آ ھُن دانھُن جو
اُجڙي ويل پيٽن مائن جو
ٿو درد وجي وڌندو۔
انصاف ڪڏھن ملندو۔؟

انصاف جو ھر گھر قيدي آ
ھر مسجد مندر قيدي آ
ھر دل جو دلبر قيدي آ
ھر ڏوھہ جڏھن ڊھندو
انصاف تڏھن ملندو۔

ڪرسيءَ تي جيسين قاتل آ۔
ھر موڙ تي رھڻو مقتل آ،
ھَر پاسي ڪارو جھنگل آ،
ڪو سِجُ اُٿي بيھندو۔
انصاف تڏھن ملندو۔

اُٿ زاھد ڪرڻي دير نہ آ،
ڇڏڻو پنھنجو ڪو وير نہ آ،
او ظالم تنھنجو خير نہ آ
ھر جبر جڏھن جھڪندو
انصاف تڏھن ملندو

# قومي ٻولي

ٻولي قومي ٻولي پنهنجي۔ سنڌي قومي ٻولي آ۔
امڙ پياري جنهن ۾ ڏيندي مِٺي مِٺي لولي آ۔

هيءَ ٻولي ڀاڱهل ڀائيءَ جي۔ هيءَ ٻولي شاهہ ڀٽائيءَ جي
هن ٻوليءَ ۾ ٿي لاٽ ٻري۔ هر ڪافي بيت ۾ وائيءَ جي
جا ساهن کي ٿي سگهہ ڏئي۔ سا سنڌوءَ جي هر ڇولي آ
ٻولي قومي ٻولي پنهنجي۔ سنڌي قومي ٻولي آ۔

هيءَ ٻولي جيءَ جياپو آ۔ هيءَ ٻولي نينهن نياپو آ
هن ٻوليءَ ۾ هر قول سچو۔ ڪنهن سچائيءَ جو ماپو آ
مون جنهن ۾ ٻاتا ٻول سِکيا۔ سا جيجل تنهنجي جهولي آ
ٻولي قومي ٻولي پنهنجي۔ سنڌي قومي ٻولي آ۔

هيءَ ٻولي خوب سگهاري آ۔ راسيلي آ ٻاجهاري آ
هيءَ ٻولي زاهد اُپ تائين۔ مون گيتن ۾ گونجاري آ
هن ۾ هر سونهن جا رنگ اٿئي۔ ست رنگن واري هولي آ
ٻولي قومي ٻولي پنهنجي۔ سنڌي قومي ٻولي آ۔



# علم سان پيار

علم جي لاٽ اندر ۾ ٻاري جيو۔
علم سان جڳ سارو جيئاري جيو۔

علم عزت بہ آ علم عظمت بہ آ
علم همت بہ آ جوش جُرئت بہ آ
علم آدم جي اندر جي قوت بہ آ
علم عزمن ارادن جي طاقت بہ آ
علم قدرت جي قدرت جي قدرت بہ آ
علم قسمت جي قسمت جي قسمت بہ آ
علم سان ذهن پنهنجا سنواري جيو۔
علم سان جڳ سارو جيئاري جيو۔

علم جي جنهن بہ جيون ۾ سُرهاڻ آ
زندگي پر مڃي تنهن نہ ڪا آڻ آ
روح جي تازگي هر نئين ڇاڻ آ
علم هر دل ۾ هيرن سندي کاڻ آ
علم جنهن جيءَ ۾ آ سوئي سرواڻ آ
علم سان ئي ترقيءَ طرف تاڻ آ
علم سان ڪُل اُميدون اُجاري جيو۔
علم سان جڳ سارو جيئاري جيو۔

شيخ زاهد اُها شاعري ٿي ڪپي
قوم کي جا ڏئي رهبري ٿي ڪپي
دوستو ديس کي دوستي ٿي ڪپي
موت کي مات ڏيو زندگي ٿي ڪپي
روز هر درد کي ڪا خوشي ٿي ڪپي
علم جا سِجَ ڪيئي اُڀاري جيو۔
علم سان جڳ سارو جيئاري جيو۔

## سانئڻ
## عابده پروين کي
## پيٽا-

تون منهنجي ديس جي دردن جي ڪهاڻي آهين-
روح ۾ رقص ڪندڙ راڳ جي راڻي آهين-

تنهنجي آواز ۾ جا مست صدا گونجي ٿي،
هر صدا ساڻ مِلي تنهنجي ادا گونجي ٿي،
تنهنجي دل مان جيڪا هر روز دُعا گونجي ٿي،
درد وندن جي دلين لاءِ شفا گونجي ٿي،
تون سُرن ساڻ ڪندي پهڻ بہ پاڻي آهين-
روح ۾ رقص ڪندڙ راڳ جي راڻي آهين-

تون پٽائيءَ کي ۽ سچل کي جڏهن ڳائين ٿي
جوش جذبا ڏئي هر جيءَ کي جهومائين ٿي
تون بُلي، شاهہ فريدڻ جا فڪر چاهين ٿي
روح جي رنگ سان راڳن مان ذڪر ناهين ٿي
هر طرف پيار سان نفرت جي پُڄاڻي آهين-
روح ۾ رقص ڪندڙ راڳ جي راڻي آهين-

تنهنجي اندر ۾ عبادت جو نگر زاهد آ
تو رکيو ذهن جي سوچن جو سفر زاهد آ
تنهنجي آلاپ جو هر دل تي اثر زاهد آ
تو بڻائي ڇڏيو هر شهر شهر زاهد آ
مُرڪ سان نينهن سندي نظر نماڻي آهين-
روح ۾ رقص ڪندڙ راڳ جي راڻي آهين-



## رنڍي

هيءَ ڪنهن جي عزت چو نہ بڻي؟
هيءَ رنڍي رنڍي چو آهي؟

ڪو هن جو آخر پاءُ بہ آ،
هيءَ نيٺ تہ ڪنهن جي ماءُ بہ آ،
هر گنديءَ اک جو چاهہ بہ آ،
پر ننگ هي ڪنهن جو پيي ناهي،
هيءَ ڪنهن جي عزت چو نہ بڻي؟
هيءَ رنڍي رنڍي چو آهي؟

هيءَ عزت پنهنجي لوئي ٿي،
پر پنهنجي ڪئي تي روئي ٿي،
لڙڪن سان دل کي ڌوئي ٿي،
وحشين کي ويٺي ريجهائي،
هيءَ ڪنهن جي عزت چو نہ بڻي؟
هيءَ رنڍي رنڍي چو آهي؟

هر شهر ۾ هيرا منڊي چو؟
عورت راڻي آ، رنڍي چو؟
هيءَ هٽ هٽ آهي ونڊي چو؟
هر ڪو سوچن کي سمجهائي،
هيءَ ڪنهن جي عزت چو نہ بڻي
هيءَ رنڍي رنڍي چو آهي؟

# شرابي

هڪ مان نہ شرابي هان،
دنيا ئي شرابي آ.
ڪنهن اجڙي ويل دل جو هڪ نام شرابي آ،
هر صبح شرابي آ– هر شام شرابي آ،
نيڻن جي خمارن جو آرام شرابي آ،
هر واٽ شرابي آ– هر گام شرابي آ،
آغاز شرابي آ– انجام شرابي آ،
هيءَ زندگيءَ بہ ڇڻ ڪو هڪ، جام شرابي آ،
هڪ مان نہ شرابي هان،
دنيا ئي شرابي آ.
چاهت ۾ جدائيءَ جي– سڪرات شرابي آ،
هر رات وصل جي ڇڻ– برسات شرابي آ،
ڪا حور آ پاسي ۾– شب رات شرابي آ،
اڄ پيگ منجهان نڪتي– پريات شرابي آ،
هر ڏينهن شرابي آ– هر رات شرابي آ،
مدهوش آهي ساري– ڪائنات شرابي آ،
هڪ مان نہ شرابي هان،
دنيا ئي شرابي آ.
هر جسم شرابي آ– هر جان شرابي آ،
دنيا ۾ هتي هر ڪو– انسان شرابي آ،
هر آهہ شرابي آ– ارمان شرابي آ،
مسجد ۾ بہ زاهد جو– ايمان شرابي آ،
جنت ۾ رهيل هرڪو– مهمان شرابي آ،
ڀڳوان جي مرضيءَ سان– شيطان شرابي آ،
هڪ مان نہ شرابي هان،
دنيا ئي شرابي آ.



# منهنجو مڙس

جي مڙس چوان ٿي لڄ مران، بابو بہ سڏي هن کي نہ سگهان.
ور پنهنجي پيءُ ڏنو مون کي، ور پنهنجي پاءُ ڏنو مون کي.

محلات ڏسي پائر هِرڪيا، پئي سئوٽ رُنا چاچا پُٽڪيا
پئي پير ابي تاڏي سُرڪيا، پئي نوٽ جتي ڳاڙها مُرڪيا
تو ساهہ وڪامي عورت جو هتي ساٽن ساٽن نوٽن سان
ور پنهنجي پيءُ ڏنو مون کي، ور پنهنجي پاءُ ڏنو مون کي.

مان پنهنجو ساهہ تنگي آئي، امڙ تنهنجي در ۾ آهيان
زندهہ لاشو بڻجي پهتي هڪ پوڙهي جي گهر ۾ آهيان
مان ڏاڏي جيڏي سان بيهي سرتين م ڪهڙو ڪنڌ کڻان
ور پنهنجي پيءُ ڏنو مون کي، ور پنهنجي پاءُ ڏنو مون کي.

هي رنگ مُڇن کي لائي تو پيو اڇا وار لڪائي تو
ڪئمرا ۾ رول پرائي تو فوتو مون سان ڪيرائي تو
مان هر هڪ نڪتل فوتوءَ ۾ تي پيءُ سان بيٺل ڌيءَ ڏسان
ور پنهنجي پيءُ ڏنو مون کي، ور پنهنجي پاءُ ڏنو مون کي.

ڇو آخر پاڻ وڪامون ٿيون؟ ڏيئون وينيون روز غلاميون ٿيون
پنهنجي منهن پَچرئون ڪامون ٿيون سڀ گڏجئون سرتيون سامهون ٿيون
ڳُل گڏجي سڏجي اوپينر ڪو ڳوليون ڏک جو حل ڪٿان
ور پنهنجي پيءُ ڏنو مون کي، ور پنهنجي پاءُ ڏنو مون کي.

# ڪاري

هر ويڙهي ۾ ويو هُل هلي
هوءَ ڪاري هئي هوءَ ڪاري هئي
پر پوءِ حقيقت ظاهر ٿي
هوءَ بي ڏوهي ويچاري هئي

ڪو عيب نہ هن ۾ هو آيو۔ ڪنهن پاڙس ڪي هو پيڙڪايو
جنهن غيرت ڏيهہ ڏيڪاري هئي
پر پوءِ حقيقت ظاهر ٿي
هوءَ بي ڏوهي ويچاري هئي

آڙاهہ جيان اپري اٿندي ڪنهن پيءُ چيو جلندي پچندي،
هوءَ چوري چپ هچاري هئي
پر پوءِ حقيقت ظاهر ٿي
هوءَ بي ڏوهي ويچاري هئي

هوءَ عشق جو اڻٽر اڏمو هئي۔ هوءَ پيار جو پوتر جذبو هئي،
هوءَ نازڪ سندر ناري هئي
پر پوءِ حقيقت ظاهر ٿي
هوءَ بي ڏوهي ويچاري هئي

هُن ڪو نہ سُڃاتو ڪوڙن کي۔ پٽ پاپيءَ چورن جي چئي تي،
پَرُ ماءُ بہ پنهنجي ماري هئي
پر پوءِ حقيقت ظاهر ٿي
هوءَ بي ڏوهي ويچاري هئي



# صبح ٿيندو

جڏهن راڄ مان رهزني رات ويندي
تڏهن صبح ٿيندو تڏهن عيد ايندي۔

اڃان رات ڪاريءَ جي ڪاراڻ آهي،
اڃان ماڳ پنهنجي تي ميراڻ آهي،
جڏهن ڪنهن سويري ۾ سُرهاڻ ٿيندي
تڏهن صبح ٿيندو تڏهن عيد ايندي،

اڃان سنڌ ساري نہ ٿي آ سگهاري،
اڃان ٿر جي واري بہ آهي اُڃاري،
پٽن جا ڳتا، سونهن ساوڪ چميندي،
تڏهن صبح ٿيندو تڏهن عيد ايندي۔

جڏهن پاپ جا پير پاڇا نہ هوندا،
ڪي روڊن تي گمنام لاشا نہ هوندا،
جڏهن ڪا بہ جيجل نہ ورلاپ ڏيندي،
تڏهن صبح ٿيندو تڏهن عيد ايندي۔

اٿم اس زاهد اُهي ڏينهن ايندا
اسان تي سکن جا ڪي سايا بہ ٿيندا ـ
جڏهن ڏيهہ کي رات ڏائڻ ڇڏيندي،
تڏهن صبح ٿيندو تڏهن عيد ايندي۔

## حلف نامو

قسم تي مان ڌرتيءَ سان ناتو ٿو جوڙيان
جنهن ڏينهن جيجل کان منهن آنءُ موڙيان
اُنهيءَ ڏينهن ڌرتيءَ جو غدار چئجو
سرِعام سوليءَ جو حقدار چئجو

جڏهن منهنجي پيرن کي غيرن ۾ سمجهو
جهالت جِي کارن انڌيرن ۾ سمجهو
جي سوچون سندم گند ڍيرن ۾ سمجهو
۽ ويٺل مون کي وچ وڏيرن ۾ سمجهو
اُنهيءَ ڏينهن ڌرتيءَ جو غدار چئجو



سرِعام سوليءَ جو حقدار چئجو

جڏهن پنهنجي عزمن ارادن کي ٽوڙيان
جي مان پنهنجي ضمير کي پيي نهوڙيان
۽ ٻوهن جي پويان سچو ڏينهن ٻوڙان
تہ انِ ڏوهہ جي کا سزا چو نہ لوڙيان.
اُنهيءَ ڏينهن ڌرتيءَ جو غدار چئجو
سرِعام سوليءَ جو حقدار چئجو

جڏهن درد ڌرتيءَ جو ويهان وساري
جڏهن ساهہ منهنجو نہ سانگين کي ساري
کوهاري ۽ پورهيت نہ مون کي کيکاري،
جڏهن پاءُ سنڌي نہ پير ۾ بيهاري،
انهيءَ ڏينهن ڌرتيءَ جو غدار چئجو
سرِعام سوليءَ جو حقدار چئجو

جڏهن آنءُ زاهد ٻچان ظالمن کان
۽ رلجي وڃان راهہ ۾ رهزنن سان،
مان چاتو وڃان جيڪڏهن بي لڄن مان،
کٽي هٿ وڃان بي بها مقصدن تان،
انهيءَ ڏينهن ڌرتيءَ جو غدار چئجو
سرِعام سوليءَ جو حقدار چئجو

# قيد خانا

ڪبا ذرڙا زنجيرن جا سلاخن جا سِرا ڪٽبا.
ڳُلچلبا قيد خانا سپ- جلائي جيل ئي ڇڏبا،

ڪِنا ڪجھ ٿي پيا چا ٿيو- ڪڙم سارو ڪنو ڪونهي
ڪئي مون ماٺ آ پر- ساٺ ڪان ناتو ڇڳو ڪونهي.
پنهنجي ڌرتيءَ جي مٽيءَ ڪان ڪڏهن منهڙا ناهن مٽبا
ڪبا ذرڙا زنجيرن جا- سلاخن جا سِرا ڪٽبا،
ڪچلبا قيد خانا سپ- جلائي جيل هي ڇڏبا.

شهيدن جو لهو مِٽيءَ مان سر جي موٽ ڪائيندو
اُهو ٿهندو جيڪو هن قوم جي تقدير ٺاهيندو
مري ناهن ڪڏهن سگهندا وفائن جا سچا جذبا
ڪبا ذرڙا زنجيرن جا- سلاخن جا سِرا ڪٽبا
ڪچلبا قيد خانا سپ- جلائي جيل هي ڇڏبا.

اسان جو روح زاهد آهي- ظالم رات جو ويري
جبر جي سازشن جا محل سپ ڍاهي ڪبا ڍيري،
هڪل ٿيندي تہ هيڪاندا- هزارين هٿ اچي گڏبا
ڪبا ذرڙا زنجيرن جا- سلاخن جا سِرا ڪٽبا
ڪچلبا قيد خانا سپ- جلائي جيل ئي ڇڏبا.



# همرچو

اچو اچو اچو اچو- اچو اچو اچو اچو
آ ڏيهہ تان تہ لاهٽو- هي ڏاڍ جو ڏچو ڏچو

هي ظلم زندگيءَ سان- پلا آ چو پُچو ڳُچو
جبل پهاڙ ڪان وڏو- عزم ڪٽي اٿو اٿو
وڃي تہ سِرُ پلي وڃي، ڪڏهن نہ ٿي ڪچو ڪچو
آ ڏيهہ تان تہ لاهٽو- هي ڏاڍ جو ڏچو ڏچو

ڪاٻاٺ ٻاٺ واٺ آ- ڪو لاٽ لاٽ پنڌ آ
ڪا سوچ سوچ سونهن آ- ڪو ذهن ذهن گند آ،
ٻُرو نہ ڪنهن جو پاءُ ٿي- ٻُرا نہ ٿيو ٻچو ٻچو
آ ڏيهہ تان تہ لاهٽو- هي ڏاڍ جو ڏچو ڏچو

اسان تہ نعرو نينهن جو سچو پچو هٽي ڇڏيو
آ شاهہ جي ڪلام جو وڏو قسم ڪٽي ڇڏيو
اسان جو ساهُہ راهہ ۾- آ سنڌ سان سچو سچو
آ ڏيهہ تان تہ لاهٽو- هي ڏاڍ جو ڏچو ڏچو

اسان کي پنهنجي ماڳ جو ڪو ناهٽو مثال آ،
اسان جو خواب خيال پي- حقيقتن جو حال آ،
وَڏي پيو هٽي نٿو- هي ديس جو ٻچو ٻچو
آ ڏيهہ تان تہ لاهٽو- هي ڏاڍ جو ڏچو ڏچو

# منڪر

منڪر کي مارڻو آ
جيءَ کي جيئارڻو آ
تنهنجي صلاح چاهي
اجان بہ وقت آهي
اجان بہ وقت آهي

باهيون ڏسي نہ بيهو
غدار ٿي نہ جيئو
ڌرتيءَ سان دل لڳائي
وکون هلو وڌائي
اجان بہ وقت آهي
اجان بہ وقت آهي



جاڳو اي ساٿي جاڳو
ننڊن جو منهن نياڳو
نيڻن کي آزمائي
ننڊون ڇڏيو ڦٽائي
اجان بہ وقت آهي
اجان بہ وقت آهي

موتيا تہ مور ناهيون
بيٺا اسان بہ آهيون
زاهد جا گيت ڳائي
سر ڏڙ کان موڪلائي
اجان بہ وقت آهي
اجان بہ وقت آهي.

## اسان جو عزم

شهيد تنهنجي وفادار چاهتن جو قسم
تنهنجي مُرڪن جوءِ سچين مُحبتن جو قسم
دنيا جي ساري عوامي بغاوتن جو قسم،
راهن ۾ رهزنن جو موت بڻجي ويندا سين.
اسان جو عزم آ قاتل جا هٿ ڪٽيندا سين

اکين مان نير اندر مان رڳو رڙيون ٿيون اچن،
سواءِ تنهنجي گهڙيون بڻجي وهه ڳڙيون ٿيون اچن.
دليون اسان جون يڪو سور ۾ سڙيون ٿيون اچن،
ٻرن ٿا مچ تڏا ڪيئن يار ٿيندا سين.
اسان جو عزم آ قاتل جا هٿ ڪٽيندا سين

مٽيءَ ۾ خون جو هُڳاءُ آ پُڪاري ٿو
سنڌوءَ جي سيني مٿان گهاءُ آ پُڪاري ٿو
تنهنجي آواز جو پڙلاءُ آ پُڪاري ٿو
ڪبا سمورا ڳٽي پاند ڪيئن ڇڏيندا سين.
اسان جو عزم آ قاتل جا هٿ ڪٽيندا سين

اسان جي سوچ جو زاهد فصل تہ سائو آ.
غدار پاڻ مان ناهي نسل پرائو آ،
جفا اُهو نہ ڪندو جو بہ سنڌ ڄائو آ،
وفا جو ريج ارادن کي روز ڏيندا سين
اسان جو عزم آ قاتل جا هٿ ڪٽيندا سين



## نسل در نسل

اجان ظالم هلاڪوءَ جي اچي ٿي پُشت پئي هلندي
متان سمجهو تہ ڪو چنگيز ڪونهي ڪو زماني ۾.

اُجايل جي رهي پومي_ ڪڏي ڏيندي ڪٺا ڪهڙا
نہ جي گلشن ۾ گل ٽڙندا_ رڳو ڏيندا ڪنڊا رهڙا
ٽڪي تي هي ٽڪر پنهنجا_ رهيا رت چاڻ جي ههڙا
ڏکر ڏاڍا پرين ايندا_ هتي ايٿوپيا جهڙا
جتي جيجل اڳيان ٻچڙا ڏکيا آهن بکيا آهن
اتي ٿر جي ٻڍن ٻارن ۾ مائن کان پُڇو چوندي يون
اجان ظالم هلاڪوءَ جي اچي ٿي پُشت پئي هلندي
متان سمجهو تہ ڪو چنگيز ڪونهي ڪو زماني ۾

ويون ڦُرجي زمينون_ چانوٽين جي نام تي آهن
وڇايون ڪيتريون ڪيمپون_ هُنن هر گام تي آهن
ڦٻايون ڪي دهون فوجين_ وري انعام تي آهن
ڪنارا پنهنجي سنڌوءَ جا_ ٻئي نيلام تي آهن
سڙيا آهيون پچيا آهيون_ تڏهن الري اٿيا آهيون
تتل ڏرتيءَ جي ڪوسين هوائن کان پُڇو چوندي يون
اجان ظالم هلاڪوءَ جي اچي ٿي پُشت پئي هلندي
متان سمجهو تہ ڪو چنگيز ڪونهي ڪو زماني ۾
ڪُڇان ٿو قوم لئہ زاهد_ سڏين مون کي پيون سوريون
ڪئي گهٽ ناهي جي غيرن_ تہ پنهنجن پي ڪيون پوريون
ڪڪائين جهوپڙين اندر_ مُڇان مهٽيو ڏسن گهوريون
وڏيري پير جي آڏو اجان ماڻهن جون مجبوريون
اسان جي درد جي دانهن_ پڙاڏا ڪيا پهاڙن ۾
خلائن ۾ پيو گونجن_ صدائن کان پُڇو چوندي يون
اجا ظالم هلاڪوءَ جي اچي ٿي پُشت پئي هلندي
متان سمجهو تہ ڪو چنگيز ڪونهي ڪو زماني ۾

# شهيد فاضل راهوءَ جي ياد ۾

فاضل ڏور نہ آهي مور
راهو روح جي رڳ رڳ ۾ آ
فاضل هر مسڪين جي من ۾ فاضل هر اجڙيل جيون ۾
فاضل ڏکڙين جي سڏڪن ۾۔ فاضل روئندن جي لڙڪن ۾
فاضل هر دل جي دڙڪن ۾۔ فاضل هر فولادي تن ۾
فاضل اڄ پيي تحريڪن ۾۔ فاضل زنده تاريخن ۾
فاضل پنهنجي اڳ اڳ ۾ آ۔ ساٿ آ ساڳيو ئي ڀرپور
فاضل ڏور نہ آهي مور
راهو روح جي رڳ رڳ ۾ آ
فاضل هر ڪنهن جيءَ جگر ۾۔ فاضل پنهنجي ذوق۔ فڪر ۾
فاضل پنهنجو ساهہ اندر ۾۔ فاضل فاضل آ گهر گهر ۾
فاضل پورهيت جي تہ پگهر ۾۔ فاضل هارين جي تہ ولر ۾
فاضل وقت جي زير زبر ۾۔ فاضل ڏک جي ويلي ڀر ۾
فاضل حق جي دڳ دڳ ۾ آ۔ ڪوڙ جو ڏوڙ ڪبو دستور
فاضل ڏور نہ آهي مور
راهو روح جي رڳ رڳ ۾ آ
فاضل ويڙهن وستين ۾ آ۔ فاضل اعليٰ هستين ۾ آ،
فاضل سنڌوءَ ڇولين ۾ آ۔ فاضل قومي لولين ۾ آ،
فاضل چٽيني طرفن ۾ آ۔ فاضل حق جي حرفن ۾ آ
فاضل هير جي جُهڪلن ۾ آ۔ فاضل مٽني ملڪن ۾ آ
فاضل زنده جڳ جڳ ۾ آ۔ قاتل قاتل چڪنا چور



فاضل ڏور نہ آهي مور
راهو روح جي رڳ رڳ ۾ آ
فاضل جهانگين جي جهوپن ۾۔ فاضل ديس جي هر ڪک پن ۾
فاضل دل جي آوازن ۾۔ فاضل روح جي آ رازن ۾
فاضل موسيقار جي ڌن ۾۔ فاضل شاعر جي نظمن ۾
فاضل جا جي! فاضل تن ۾۔ فاضل زاهد جي گيتن ۾
فاضل ساٿ جي وڳ وڳ ۾ آ۔ ساهہ ڪرين ٿو ڇا لئہ سور
فاضل ڏور نہ آهي مور
راهو روح جي رڳ رڳ ۾ آ

## ڪربلا

ڪربلا ڪربلا ڪربلا
سنڌ بڻجي وئي ڪربلا

ڇو رهياسين ڊرا۔ ڇو نہ لوچيو اسان؟
ورهيہ ويا ڪيترا،ڏ ک نہ ويا ديس مان!
پيار ڪان اوپرا، يار آهيون اڃان!
پاڻ ۾ ٿا رهن فاصلا
سنڌ بڻجي وئي ڪربلا

جابرن جي هٿان ڇو جُهڪي ٿا جيئو؟
سنڌ کي ساهہ جو ڪو سهارو ڏيو،
منهن موڙيو متان، مڙس ماڻهو ٿيو،
ڪجهہ ڪيو پوڻ جا پرجهلا
سنڌ بڻجي وئي ڪربلا

پُٽَ يزيد جا بند پاڻي ٿا ڪن
ظلم جي هو شروع نئين ڪهاڻي ٿا ڪن
پير ڪوڙي هلو هيل جوڙي هلو
قوم جي سات جا قافلا
سنڌ بڻجي وئي ڪربلا

سور زاهد سهي، سوچ کي سوربو،
ڏِي دل کي ڏئي، چاهہ کي چوربو،
وات پنهنجي وٺي، ڏيهہ لئہ ڏوربو،
طئہ ڪبا جيت جا مرحلا
سنڌ بڻجي وئي ڪربلا



## پاپي

پاپي آ پاپي آ ڏاڍي دنيا مولا تنهنجي پاپي آ
دنيا مولا تنهنجي پاپي آ ڪري ظلم اڃان نہ ڍاپي آ

ڪو زنجيرن ۾ جڪڙيل آ، ڪوئي ڦاسيءَ تي لٽڪيل آ
ماڻهن جا هٿ بم ۾ گوليون مائن جون ٿيون خالي جهوليون،
نوٽن تي انسان ٿو وِڪجي، اندر جو ايمان ٿو وڪجي،
ڌرتي ڪيڏي سهڻي آ پر، سورن منجهہ حياتي آ
پاپي آ پاپي آ ڏاڍي دنيا مولا تنهنجي پاپي آ

انسانن جي پيار تي ڪاتي، جذبن جي اظهار تي ڪاتي،
هن ڌرتيءَ جون ڪيئي نياڻيون گهر جي ڪوليءَ ۾ قيدياڻيون
جيڪا ڪچندي ماري ويندي، بي ڏوهي ٿي ڪاري ويندي،
رسمن جي ڪوٽن مان لڪندي، پاتي نيٽڻ جهاتي آ،
پاپي آ پاپي آ ڏاڍي دنيا مولا تنهنجي پاپي آ

زاهد جيسين زندهہ آهيان، جنت جهڙو جڳ ٿو چاهيان،
منهنجون سوچون ٻيڙيون آهن، ٻڏندن ڪيي ٿيون پار پڄائن
مون پنهنجو رت هاريو ناهي، جنهن تنهن کي پيئاريو ناهي،
مون دل وارن جي ذهنن ۾ سوچ سفر جي تاتي آ،
پاپي آ پاپي آ ڏاڍي دنيا مولا تنهنجي پاپي آ

# مٺاڻا اباڻا

هٿن ۾ ڏاتا، ڪلهي تي ڪوڏر
چپن تي مرڪون، سچا سپاجها
اهي تہ منهنجا مٺا اباڻا
اهي تہ منهنجا پرين پيارا

محبتون، عشق پيار جن وٽ، پريت جوپنڊ پارجن وٽ
نہ عيب جن ۾، نہ عارجن وٽ، نپائي چاڻن ٿا نينهن نيارا.
اهي تہ منهنجا مٺا اباڻا
اهي تہ منهنجا پرين پيارا

اهي ئي ڌرتيءَ جي دل جا دلبر_ انهن جي دم سان جيئن ٿا جهنگ جهر
مٿيءَ سان مُرڪي پيا گذارن_ سيئي سيارا، سيئي اونهارا،
اهي تہ منهنجا مٺا اباڻا
اهي تہ منهنجا پرين پيارا

انهن جي هٿڙن هَٽي پلاري، انهن جي پيرن پَٽي بہ پياري،
انهن ڪي باغن ڏنيون بهارون، انهن سان ٻهڪيا ٻنيون ۽ ٻارا،
اهي تہ منهنجا مٺا اباڻا
اهي تہ منهنجا پرين پيارا

انهن سان آ منهنجو پيار زاهد انهن سان ئي منهنجي زندگي آ
هي جيڪي جالن ٿا جهوپڙين ۾ اهي وطن جا وڏا سهارا
اهي تہ منهنجا مٺا اباڻا
اهي تہ منهنجا پرين پيارا



# دوستي

قرب ۽ پيار جو نانءُ آ دوستي
هيانوَن جي ٺار جو نانءُ آ دوستي.

دوستي ساھ ۾ چاھ جو نانءُ آ
دوستي رڻ منجهان راھ جو نانءُ آ
دوستي مُرڪندڙ ساک جو نانءُ آ
دوستي جرڪندڙ ٻاک جو نانءُ آ
ٺر ۾ ٺڏڪارن جو نانءُ آ دوستي.
هيانوَ ن جي ٺار جو نانءُ آ دوستي.

دوستي چڻ ڀڳهر تي آ ٺڏڙي هوا
دوستي دل جي دردن جي آهي دوا
دوستي جيُ سان جيُ ڳنڍي ٿي پرين
دوستي ساٿ سورن ۾ ڏي ٿي پرين
مند مهڪار جو نانءُ آ دوستي.
هيانوَ ن جي ٺار جو نانءُ آ دوستي.

دوستي آهي زاهد سُکن جو سفر
دوستي سان ئي آباد آ هر شهر
ساري دنيا جي پياري هي ڌرتي جيئي
دوستي شل زماني ۾ زندھ رهي
دل جي هر سار جو نانءُ آ دوستي
هيانوَن جي ٺار جو نانءُ آ دوستي.

# امن جو مسافر

مسافر مان آهيان
امن جو مسافر

هي ٻنيون هي ٻارا،
هي دريا ڪنارا،
ڀهاڙن جا چارا،
سيئي مون کي پيارا
جتي پير پايان
سي راهون سجايان،
مسافر مان آهيان
امن جو مسافر

اجالا ڪريان ٿو
نوان رنگ ڀريان ٿو
سين محفلين ۾
ڏکويل دلين ۾،
اُميدون ورهايان
محبت ٿو چاهيان
مسافر مان آهيان
امن جو مسافر

نظارا نظر ۾،
سدائين سفر ۾،
ڪڏهن ڪنهن شهر ۾،
ڪڏهن جهنگ جهر ۾،
جَبُر کي جُهڪايان،
امن لاءِ ڳايان،
مسافر مان آهيان
امن جو مسافر



# وصيعت نامو

جي وڙهندي وڙهندي آنءُ مران،
لکجو منهنجي قبر مٿان،
سنڌ جيئي هيءَ سنڌ جيئي.

گُل ساٿي سهڪاري
ايندا پورهيت هاري
ڪنهن ٻالڪ جي هٿڙن سان
لکجو منهنجي قبر مٿان
سنڌ جيئي هيءَ سنڌ جيئي.

اجرڪ جو ڪفن تہ ڏجو
ڳاڙهي چادر ڍڪجو
او بابا، منهنجي امان،
لکجو منهنجي قبر مٿان،
سنڌ جيئي هيءَ سنڌ جيئي.

اي يارو ياد ڪجو.
هي عرض آ زاهد جو
قلم ڀري منهنجي خون منجهان،
لکجو منهنجي قبر مٿان،
سنڌ جيئي هيءَ سنڌ جيئي.

## ماروئڙا

ماروئڙا هي جهانگيئڙا دلدار ٻه منهنجا.
ڪردار ٻه منهنجي گيتن جا

هي جهوپا جهوپا ڪينجهر تي. شل مينهن وسن ڪارونجهر تي
منهنجون مُرڪون، منهنجون خوشيون، منهنجا هينئڙا هي جهانگيئڙا
دلدار ٻه منهنجا. ڪردار ٻه منهنجي گيتن جا

هي جيڪو منهنجو اندر آ. ڪشمور ڪان ڪيٽي بندر آ
جيون سارو هي ساٿيئڙا منهنجا ٿيئڙا. هي جهانگيئڙا
دلدار ٻه منهنجا. ڪردار ٻه منهنجي گيتن جا

هي موهن جا آثار الا. آ منهنجي ڪُل ڄمار الا
هن زاهد جي ڪُل ذات جا هي ڏيئڙا ڏيئڙا. هي جهانگيئڙا
دلدار ٻه منهنجا. ڪردار ٻه منهنجي گيتن جا



## او! قاتل

او قاتل او قاتل بدلو وٺنداسين
هر خون جي قطري قطري جو

جو توسان جوٺيندو جهيڙا. سو خون شهيد جو زنده آ،
شهيد پٽي جهڙن سورهيه سرواڻن جا او قاتل
بدلو وٺنداسين هرخون جي قطري قطري جو.

جاڳيا آهيون جاڳيا آهيون، تون چور اسين پاڳيا آهيون
هن ديس ڏٽين جي نن‌ڍڙن نن‌ڍڙن ٻچڙن جا او قاتل
بدلو وٺنداسين هرخون جي قطري قطري جو.

تو خون وهايو بي ڏوهي، او ڏوهي ڏوهي، او ڏوهي
موري ميهڙ ۾ دادوءَ جي منٺارن جا او قاتل
بدلو وٺنداسين هرخون جي قطري قطري جو.

مظلومن جي ٻولي ٻولي، ٻٽبي تولئه گولي گولي
هن دنيا جي مظلوم سمورين قومن جا او قاتل
بدلو وٺنداسين هرخون جي قطري قطري جو.

تو شهرن ۾ شهزور ڪنا، ڪن مائن جا پُٽ مور ڪنا،
سنڌي هارين مزدورن ۽ شاگردن جا او قاتل
بدلو وٺنداسين هر خون جي قطري قطري جو.

جنهن سوليءَ منهنجا مور چڙهيا، تنهن سوليءَ تنهنجو وارو آ.
هوشوءَ هيمونءَ جهڙن پيارن دلدارن جا او قاتل
بدلو وٺنداسين هرخون جي قطري قطري جو.

تون ڪيڏا ڪيس ڪرائين تو منڙا ماڻهو مارائين تو
فاضل جهڙن پورهيت هاري اڳواڻن جا او قاتل
بدلو وٺنداسين هر خون جي قطري قطري جو

ڦٽڪا سٽڪا ته سهي ڇڏبا پر زاهد حق وڙهي وٺبا
قانونن جا، انصافن جا، انسانن جا او قاتل،
بدلو وٺنداسين هرخون جي قطري قطري جو.



## قومي غيرت

قومي غيرت زنده آباد، قومي غيرت زنده آباد
پنهنجي مُڙسي، پنهنجي همت، پنهنجي طاقت زنده آباد

تون آن دولت جو ديوانو منهنجي ڌرتيءَ سان دل آ
تنهنجو پنهنجو مقصد آهي، منهنجي پنهنجي منزل آ
موتين جهڙا ماڻهو ميڙي، مون سينگاري محفل آ
شيش محل جي رهواسين تي، پونگي پونگي پڙڪيل آ
پَرُ به اسان هو پاڻ پتوڙيو هيل به جاري هلچل آ
غيرن ۽ غدارن جي لئه ڌرتي پنهنجي دلدل آ
قوم جا هيرا، ديس جا هاري، مل جا پورهيت زنده آباد
قومي غيرت زنده آباد، قومي غيرت زنده آباد

ديس جو نالو دل ۾ سانڍي، جاني جڳ ۾ جيئڻو آ
جيون تنهنجي لاءِ مليو آ، ڌرتي توکي ڏيڻو آهي.
پل پل مون کي سنڌو تنهنجي، پيار جو امرت پيئڻو آ
لاڙ، اتر، ڪاڇي ۽ ٿر کي رلجي سلجي رهڻو آ
ٽڪر سان آ ٽڪر پنهنجو جبل ٻڌجي بيهڻو آ
مات نه مجبي موذيءَ آڏو، موگو مور نه ٿيڻو آ
ايڪو عظمت، جذبو جرئت، پيار محبت زنده آباد
قومي غيرت زنده آباد، قومي غيرت زنده آباد

ذهن ضمير جي دروازي تي هلڪا ڪڙڪا جاڳن ٿا
ٽوپيون چمڪيون اجرڪ مُرڪيا، پنهنجا پٽڪا جاڳن ٿا
هر پاچاريون، پيها، پوکون، رنبا، ڏاٽا جاڳن ٿا
رهزن تنهنجي رت لئه پياسا آهن رستا جاڳن ٿا
ڪاهون، ڪڙڪا، داٻا، دڙڪا، شعلا پڙڪا جاڳن ٿا
مرڻا ناهن زاهد منهنجا، زنده جذبا جاڳن ٿا
پيءُ جو پٽڪو ماءُ جي پوتي، ڀيڻ جي عزت زنده آباد
قومي غيرت زنده آباد، قومي غيرت زنده آباد

## شاعر

مان شاعر سهڻيءَ سرتيءَ جو
مان شاعر جيجل ڏرتيءَ جو
منهنجي سوچن مان جي گيت ٻڻيا
سي گيت ئي منهنجا ميت بڻيا
مان شاعر زلفن ڪارن جو۔ مان شاعر نيڻ خمارن جو
مان شاعر ٿڌڙين هيرن جو۔ مان شاعر سمنڊ جي ويرن جو
مان شاعر نينهن نصابن جو۔ مان شاعر زنده خوابن جو
مان شاعر سونهن پرستيءَ جو۔ مان شاعر عشق الستيءَ جو
منهنجي سوچن مان جي گيت بڻيا
سي گيت ئي منهنجا ميت بڻيا
مان شاعر ٿر وسڪارن جو۔ مان شاعر ڏڙ ڏنارن جو
مان شاعر جُنگ جوانن جو۔ مان شاعر ديس ديوانن جو
مان شاعر سورن سُڏڪن جو۔ مان شاعر جڳ جي لڙڪن جو
مان شاعر دل جي هستيءَ جو۔ مان شاعر وستيءَ وستيءَ جو
منهنجي سوچن مان جي گيت بڻيا
سي گيت ئي منهنجا ميت بڻيا
مان شاعر لُنگيءَ لوئيءَ جو۔ مان ويري ديس دروهيءَ جو
مان جنهن پل جهومي ڳايان ٿو۔ سڀ جيءَ جُهريل جهومايان ٿو
مون جيڪا سوچ ڏني آهي۔ تنهن سان ئي باک پني آهي
قائم دائم رستا رکجو۔ روشن دل جا ڏيئا رکجو.
منهنجي سوچن مان جي گيت بڻيا
سي گيت ئي منهنجا ميت بڻيا



## سنڌ

مان سنڌ سان۔ تون سنڌ سان
سڀ سنڌ سان۔ دل سنڌ سان

پنهنجو هي سِرُ پنهنجا ٻچا
سنڌ جي مٿان گهوري ڇڏيان
ڌرتيءَ جي دشمن جا سوين
ٽڪرا ڪري ساڙي ڇڏيان
مان سنڌ سان۔ تون سنڌ سان
سڀ سنڌ سان۔ دل سنڌ سان

جيجل جي دردن جون سپئي
گيتن ۾ گونجارون پري،
ڳوٺن ڳلين ۾ ڳائيان
در در وجي دانهون ڪيان
مان سنڌ سان۔ تون سنڌ سان
سڀ سنڌ سان۔ دل سنڌ سان

منهنجي امان پياري امان
سانئڻ امان سنڌو امان
جيسين جيئان تو لئہ جيئان
جنهن پل مران ٿو لئہ مران
مان سنڌ سان۔ تون سنڌ سان
سڀ سنڌ سان۔ دل سنڌ سان

سوچن ۾ ساڳي لوچ آ
منهنجو اندر ناهي مئو
هالار جيڏيون همتون
جاڳن پيون زاهد اڃان
مان سنڌ سان۔ تون سنڌ سان
سڀ سنڌ سان۔ دل سنڌ سان

## ساٽ جوڙيون

ساٽ جوڙيون وکون کي وڏايون پرين
سنڌ برباد ٿيڻ کان بچايون پرين.

پنهنجي غدار ماڻهن کي گوليون هڻو
پنهنجا کنڌار ساٿي سُڃاڻي کڻو
سنڌ ڳالهين سان آزاد ٿيڻي نه آ
ديس جي دل ائين شاد ٿيڻي نه آ
ساٽ جوڙيون وکون کي وڏايون پرين
سنڌ برباد ٿيڻ کان بچايون پرين.

کو پريشر نه آ کو ٻه پاور نه آ
اڄ اسان جو رهيو سنڌ ساگر نه آ
هيل ڏاڍن کان ڏاڍا ٻه هو ٿي ويا
۽ اسان جي سفا دو بدو ٿي ويا
ساٽ جوڙيون وکون کي وڏايون پرين
سنڌ برباد ٿيڻ کان بچايون پرين.

پاڻ پنهنجن جا قاتل بڻيا ٿا وتون
غير سارا قبائي ويا گهر گهٽيون
سنڌ زاهد سڄي آجپو ٿي گُهري،
پنهنجي اولاد جو راضپو ٿي گُهري،
ساٽ جوڙيون وکون کي وڏايون پرين
سنڌ برباد ٿيڻ کان بچايون پرين.



## سورهيه بادشاهه

سنڌ سموري سورن ۾ آ
سنڌ کي سورهيه بادشاهه گهرجي

ڪاري رات ڏکن ۾ آهي
ڪيڏي چُپ چپن ۾ آهي
هر ڪو پنهنجي لاءِ ٿو روئي
ڳٽتين ۾ ٿو ساهه کي ڳوهي
ڪوئي آهي سنڌ جيئاري
جيئڻ جي لئه ٻارڻ ٻاري
اهڙو سائين بابا گهرجي
سچو من سراپا گهرجي
سنڌ سموري سورن ۾ آ
سنڌ کي سورهيه بادشاهه گهرجي

ڏاهر لشڪر سوڍو گهرجي
دولهہ گهرجي دودو گهرجي
هيمون گهرجي هوشو گهرجي
حيدر بخش ۽ فاضل گهرجي،
بختاور ۽ ڀاڳهل گهرجي
پر سيني جو رهبر بڻجي
سورهيہ جهڙو راجا گهرجي
آئيندي جي آشا گهرجي
سنڌ سموري سورن ۾ آ
سنڌ کي سورهيہ بادشاهہ گهرجي

آزادي انسان جو حق آ
دل کي دين ايمان جو هق آ
سارو جڳ سُتو آ زاهد
پنهنجو ماڳ مِٽو آ زاهد
ساري دنيا پنهنجي ناهي
پنهنجي ڌرتي پنهنجي آهي
پاڻ کي سنڌو ماتا گهرجي
پنهنجي منڙي پاشا گهرجي
سنڌ سموري سورن ۾ آ
سنڌ کي سورهيہ بادشاهہ گهرجي



## قيدي

انسان ازل کان قيدي آ
انسان ازل کان قيدي آ

هر ساهہ بندن ۾ قيدي آ
هر چاهہ چمن ۾ قيدي آ
هر ديس دڳن ۾ قيدي آ
هر جان ازل کان قيدي آ
انسان ازل کان قيدي آ
انسان ازل کان قيدي آ

پوڙهين ريتن ۽ رسمن ۾
ڪن پٿر جهڙن جسمن ۾
۽ ڪوڙن ڪوڙن قسمن ۾
ايمان ازل کان قيدي آ
انسان ازل کان قيدي آ
انسان ازل کان قيدي آ

هي جيون آهي، جيل پرين
هر واٽ ۾ زاهد ويل پرين
ڪيئن پنهنجو ٿيندو ميل پرين
جيئدان ازل کان قيدي آ
انسان ازل کان قيدي آ
انسان ازل کان قيدي آ

# پٿائي

پٿائي وو پٿائي وو
پٿائي وو پٿائي وو

جن جهانگين جو تون رهبر آن
جن ماروئڙن جو مُرشد آن
تن سانگيئڙن جي سار تہ لهہ
منهنجا مارو سورن ۾ ٿئي
منهنجا سانگي سورن ۾ ٿئي

هر قاتل جون هٿ ڪاهون ٿئي
هر پاسي آهون دانهون ٿئي
رَتُ ۾ ٻاڙهيون سڀ راهون ٿئي
مون تو در ٻَڌيون ٻانهون ٿئي
اڄ دانهن سُڻي دلگيرن جي
مجبورن جي مسڪينن جي
ڪا واهر ڪر ويڙهيچن جي
منهنجا مارو سورن ۾ ٿئي
منهنجا سانگي سورن ۾ ٿئي.

ذهنن جو وڪرو جاري آ
هر ذهن بڻيو واپاري آ
وڪجي وئي ڌرتي ساري آ
غداريءَ جي بيماري آ
هتي لکين هٿ لُٽيرن جا
هتي حُڪم هلن ٿا غيرن جا
هتي آهن راڄ انڌيرن جا
منهنجا مارو سورن ۾ ٿئي



منهنجا سانگي سورن ۾ ٿئي

هن سنڌ سڄيءَ جو مان بہ تون
سنڌي ٻوليءَ جو شان بہ تون
دردن جو آن درمان بہ تون
منهنجن گيتن جي جان بہ تون
هن مٽيءَ جي ميهارن سان
زاهد جي سنڌ سهارن سان
ٿا ڪيس ٿين ڪوهيارن سان
منهنجا مارو سورن ۾ ٿئي
منهنجا سانگي سورن ۾ ٿئي.

***

## نظم

# اجرڪ

ستارن جي دُنيا مان اجرڪ جو منظر
هوائن جي سنگم سان ڌرتيءَ تي آيو
تہ مهراڻ موجن ۾ مستي مچي وئي.
۽ اجرڪ جي خوشبو سان مهڪي سڄي سنڌ سرهاڻ ٿي وئي
هي امڙ جو پردو ۽ بابل جي پڳ آ
هي ڀيڻن جي عزت جو اهڃاڻ آهي
زماني ۾ ڪيڏو نيارو لڳي ٿو.
۽ ڀائن جي ڳُلهڙن تي پيارو لڳي ٿو
هي ظلمن جا قصہ ڏُکن جون ڪهاڻيون
اسان پنهنجي اجرڪ جا مشتاق ماڻهو
زماني جي هر حق سان ساڻ آهيون
اسان ساري دُنيا جي دردن ۽ سورن عذابن ۽ سُڏڪن جو آواز آهيون
اسان جي محبت سندو قافلو هي
سموري دنيا ڪي سموري سفر ۾
امن ۽ محبت جو پيغام ڏيندو
اسان جو هي اجرڪ
اسان جو هي اجرڪ
زماني جي مظلوم ماڻهن سان گڏ آ
۽ ظلمن جي آڏو سچائيءَ جو سَڏُ آ



# آءُ تہ پنهنجي سنڌ ڳوليون

آءُ تہ پنهنجي سنڌ ڳوليون
جا خدا کان
پنهنجي وڏڙن کي مُقدر ۾ ملي هئي!
سا ڪٿي آ؟
سنڌ جيڪا پاڻ کي وڏڙن کان ورثي ۾ ملي هئي
سا ڪٿي آ؟
سنڌ جنهن ۾ سُک سان گڏ سونهن جي سُرهاڻ هئي
سنڌ جيڪا سورمن ۽ سورهين جو راڄ هئي!
سنڌ جنهن ۾ همتون ۽ جرئتون جيئنديون هيو!
سي سڀئي ڪاڏي ويون؟
سنڌ جون ساريون خوشيون ڪي چور چورائي ويا
يا خدا جي فرشتن سڀ سونهن سنڌوءَ جي ڪٽي
پنهنجي جنت جو اڌورو حُسن آ پورو ڪيو!
ڏوهہ ڪهڙو آ ڪيو؟
جو اسان جي سنڌ کي هر ڪو لٽيندو ٿو رهي
جو اچي ٿو سنڌ جي گردن ڪٽيندو ٿو رهي.
هيل ڪجهہ سوچي وٺون
يا ڪفن سر سان ٻڌي پنهنجي قبر ڳولي وٺونڊ
يا تہ جيڪا سنڌ کي سمجهي نظر ڳولي وٺون
پوءِ اهڙي هر نظر سان گڏ نظر اهڙي رکون
جنهن نظر سان آجپي جي راهہ ڪا ڳولي وٺون
جنهن تي پنهنجي زندگيءَ جو نئون سفر سوچي وٺون
جنهن سفر سان سونهن پنهنجي سنڌ جي موٽي ملي
سو سفر سُرهاڻ جو آ پاڻ کي ڪرڻو پرين
آءُ تہ پنهنجي سنڌ ڳوليون
آءُ تہ پنهنجي سنڌ ڳوليون

# ڪراچيءَ جي نانءَ

اي زخمي شهر جي خاموشي
مان پيار جو آهيان پانڌيئڙو
من مون کان وڇڙي ويو آهي
جهيريل آهي منهنجو جيئڙو
ڪجهہ ڏينهن تائين پيار ڏئي
دلجيت ڪٺي ويو آهي دل
هو جيڪو سهڻو ميت بہ آ
سو منهنجو زندهہ گيت بہ آ
مان اُن جي ڳولا ۾ آهيان
اي زخمي شهر جي خاموشي
ڪجهہ يادون آهن سرمايو
ڪيڏي تہ نرالي شام هئي
ها! سمنڊ ڪناري تي هُن سان
مون جيڪا شام گذاري هئي
اُن شام جا عڪس اکين آڏو
هر ساهہ جيان زندهہ آهن
هن سمنڊ ڪناري واريءَ تي
ڪُجهہ پيرن جا ها نقش ٺهيا
هڪ ڇولي تن کي ڊاهي وئي
ٻن جذبن کي ايذائي وئي
۽ ڇوليءَ ۾ آلا آلا
هي نيڻ تڪيندا رهجي ويا
اي زخمي شهر جي خاموشي



مون وٽ ڪيئي يادون آهن
هي شهر جئين هاڻي آهي
هي شهر اڳي ايئن ڪو نہ هيو
هن شهر جي هر ڪا سحر اڳي
حورن جهڙي تہ حَسين هئي
۽ هر ڪا رات رنگين هئي
پر هڪڙي ڪاري آنڌيءَ سان
هن شهر ۾ اوندهہ آئي آ
ليڪن چاهت جي جذبن جا
اظهار اڃان زندهہ آهن
۽ ڪافي پيار ڪرڻ وارا
ڪردار اڃان زندهہ آهن
اي زخمي شهر جي خاموشي
هن شهر جا دل وارا ماڻهو
ٿي تنگ ويا آهن تو مان
اي ڪاش چڙهن سيئي ماڻهو
پنهنجي پنهنجي گهر ڇت مٿان
۽ ڪن اعلان محبت جو
نئين چاهت جي هڪ ساعت ۾
هر چهرو بڻجي چنڊ پوي
۽ سڀ ايندڙ ويندڙ راتيون
چاهت چانڊوڪيون ٿي چمڪن
ماڻهو مُرڪن ماڻهو مهڪن
ماڻهو جرڪن ماڻهو جهومن
۽ پنهنجيءَ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾
ڪي گيت محبت جا ڳائن
اي زخمي شهر جي خاموشي
مان پيار جو آهيان پانڌيئڙو

# ڪي ڪي ماڻهو

دل ۾ ويهارڻ جهڙا ماڻهو
ڪنهن ڪنهن ويلي
ڀاڳ ڀَلي ۾
راهن منجهہ ملي ويندا هن
دل ۾ ويهجي ويندا آهن
پر هو من جا ميت مسافر
پل جا ساٿي هوندا آهن
پنهنجي ماڳ تي پنهنجڻ سان ئي
مُرڪي ساٿ ڇڏي ويندا هن
ڪنهن جا ڪنهن جا ٽهڪ بہ هوندا سمند جي ڇولين جهڙا آهن
ڪنهن جي لفظن منجهہ سمايل گُلڙن جي خوشبو هوندي آ
ڪي ڪي ماڻهو خاموشيءَ سان دل جي ڳالهہ چئي ويندا هن
ڪي ڪي ماڻهو ننڍڙ اُس ۾ وڻ جو ٿڌڙو سايو بڻجي پوندا آهن
ڪي ڪي ماڻهو هير ٿڌيءَ جان گُهلندي گهلندي



ڇولين وانگر ڇُلندي ڇلندي،
مينهن ڪڻين جان وسندي وسندي
نينهن نظر جا جام پيئاري
ٻانهن ۾ هڪ شام گذاري
گهور انڌيرن جي دنيا ۾
وڇڙي گُم ٿي ويندا آهن
۽ تحفي ۾ ڏئي ويندا هن
ڪاريون ڪاريون ڪو جهيون راتيون
ڪي ڪي ماڻهو اهڙا آهن
جن جي دم سان ڏينهن بہ روشن رات بہ روشن
اهڙا ماڻهو سج بہ آهن چنڊ بہ آهن
جن جي هوندي جيون جي هر جذبي کي جَرڪاءُ ملي ٿو
پر سي ماڻهو
جنهن پل وڇڙي ويندا آهن
ساهہ نچوڙي ويندا آهن
راحت روڙي ويندا آهن.

## يادون

نٿا وسرن اُهي لمحا نٿا وسرن
جڏهن ڪنهن وڻ جي ٿڌڙي ڇانون ۾ ويٺا هئاسين
ملائي ڪنهن گهڙيءَ نظرون ٻئي مُرڪيا هئاسين
سچايون پيار جون هڪ ٻئي کي آڇيندا هئاسين
سدائين گڏ رهڻ جي لاءِ سوچيندا هئاسين
نٿا وسرن اهي لمحا نٿا وسرن
جڏهن تو آخري پيرو هو مون کان موڪلايو
تڏهن مون کان هيو جڻ ساهہ منهنجي موڪلايو
وڇڻ تنهنجو قيامت جي گهڙي هئي.
وڇوڙي جو پهر وهءُ جي ٻڙي هئي
نٿا وسرن اُهي لمحا نٿا وسرن
جڏهن پهريون دفعو مون پاڻ کي پاتو هو تنها
مون هر انسان کي اُن ڏينهن ئي ڄاتو هو تنها
جڏهن کان پير تنهنجا ٿي ويا پابند آهن
تڏهن کان ئي تہ مون لئہ در خوشين جا بند آهن
مگر توساڻ جيڪي زندگيءَ جا ڏينهن گهاريم
نٿا وسرن انهن ڏينهن جا سڀ لمحا نٿا وسرن.



## پهرين چُمي

چيٽ جي مُند ۾
رات شاديءَ جي
منهنجي خوابن جي تعبير منهنجي اڳيان
سَڌُ سامهون ٿيو آهي ساٽيهہ جو
منهنجي پهرين چُمي آهي بندوق کي
پر جڏهن مان ڪراچيءَ کان موٽي ايندس
ٻي چُمي تنهنجي ڳاڙهن ڳٽن کي ڏبي
تون چئي چڏ گُلابي چپن کي اِهو
تيسين ترسن!
مان جيسين رُڳو حيدرآباد مان ٿي اچان!
ڇا چيو تو!؟
تون بہ هلنديئن مون ساڻ گڏجي!!
ڇا چيو تو!؟
تون بہ کڻنديئن بندوق نازڪ هٿن ۾!!
تہ پوءِ مان بہ اڳ ۾ ها! اڳ ۾ اي جانان
همت ڀرين تنهنجي هٿڙن کي چُمندس
جنين منجهہ کڻنديئن بندوق تون!
۽ نازڪ نرم تنهنجي پيرن کي چُمندس
جنين ساڻ هلنديئن امن لاءِ جنگ ۾
چڱو هاڻي گڏجي وکون ٿا کڻون
وڏي وير ٻڌجي وڏي ٿا هلون
اندر منجهہ آهن گهٽيون ئي مگر محبت جون ڳالهيون سي موٽي ڪبيون.

---

(نوٽ: هي نظم ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٿيندڙ
سنڌي ماڻهن جي قتل عام کان متاثر ٿي لکيم)

# خوشين جي ڳولا

مان سوچيان ٿو ويٺومان سوچيان ٿو ويٺو
سڄي رات سوچن ئي سوچن ۾ گذري وڃي ٿي
پرهه جا پهر ٿا اڳرن تي لهن
کيپ ٽوڙي سموريون کُلن ٿيون اکيون
گهر جا گُلڙا به جاڳن ٿا مهٽي اکيون
ماءُ کان ٿا گُهرن ٻار مانيءَ ڳيو
گهر ڏياٽيءَ جون پر جي اچن ٿيون اکيون
گهرجي سڏڪن کي لڙڪن کي آٿت ڏئي
مان وڏي شهر جي
اُن پورهيت پڙيءَ تي وڃي ٿو ويهان
جتي ڪيئي مون جهڙا مزدور ماڻهو
ماني ٻڌي روز ايندا رهن ٿا
جتي ماڻهو هڪ ڏينهن لئه
هفتي لئه
يا هڪ مهيني تائين ٿا ڪامي وڃن
سموري شهر جا وڏا محل ماڙيون
اسان جي هٿن همتن جون اِهي يادگارون
اسان لئه اَجهو ڪو نه ٻڄي سگهن ٿيون



اوهان لئه حياتيءَ جو ٿڌڪار آهن
مان سوچيان ٿو آخر ائين ڇو ٿئي ٿو؟
هي جوڀن جون مُرڪون جوانيءَ جا جلوه
اسان کي وڻن ٿا
اسان کي به گُهرجن
خوشيون زندگيءَ جون مليون جي اسان کي
ته هر صبح کي صبح پنهنجو ئي ڇئبو
۽ هر شام جي هير ۾ ڇين ملندو
مگر پاڻ سائين
اجان ڏر ٽتيءَ جي نٽهڻين ندورين اُسن ۾ سڙون ٿا
سوين پنهنجا سُڏڪا ته مرڪون گُهرن ٿا
لکين لُڙڪ ٿهڪن جون کن ٿا پچائون
مگر مان ۽ مون جهڙا مزدور ماڻهو
اجان پنهنجي خوشين جي ڳولا ۾ آهيون
خبر ناهي ڳولا جو ڪيڏو سفر آ
ملي زندگي ڪيتري مختصر آ
مگر پوءِ به هر آدميءَ جي اندر ۾
اُميدن جا ڪيڏا ته انبار آهن
اميدن جا احساس جذبا اسان کي
نسل کان نسل تئين بيهاريون اچن ٿا
صدين کان ائين ئي جيئاريون اچن ٿا
صدين کان ائين ئي جيئاريون اچن ٿا.

## ڪنهن ڪي پُڪاريون

جفائن جي دُنيا
هي متيءَ جا ماڻهو
هي پٿر جا پُتلا
محبت جو جن ۾ نہ احساس ڪوئي
اُنهن کان محبت جون ڪهڙيون پُڇائون
اسان پيار خاطر سڄي زندگاني
رڳو ڏينهن راتيون رُليائي تہ آهيون
مگر هر قدم تي
مليو ڇا اسان کي
نہ چاهت جي ساعت
نہ راحت جي راڻي
سموري حياتي ويڳاڻي ويڳاڻي
گهڙيءَ جي بہ ڪائي ملي مُرڪ ناهي
اسان عمر ساري رُنا ئي تہ آهيون
ٻڌيا ٻي حسيءَ جا آهن بُت ماڻهو
اسان جي نهاريون تہ ڪنهن ڏي نهاريون
اسان جي پڪاريون تہ ڪنهن کي پڪاريون.



## وقت مٺجي پيو

وقت مٺجي پيو
وقت مٺجي پيو
عشق ۽ پيار جا ڍنگ مٺجن پيا
ڏينهن ۽ رات جا رنگ مٺجن پيا
اڄ زماني سان ڏئي هَٿُ هٿن ۾ هلون
موت کان بي خبر
زندگي مختصر
هر گهڙي هر پهر هڪ دفعو ٿو ملي
ڇو نہ پنهنجا سپئي پَلَ ماڻي وٺون
پيار ۽ پريت جي جيت آڏو اچي
رسم ۽ ريت جا بند ڇو ٿا ٻڌو
ها! اچو
ها! اچو
پنهنجي سارين حسين خواهشن سان جيئون
چاهتن سان پريل راحتن ۾ رهون
ڪل ڪائي سپاڻي جي ڪونهي پرين
وقت مٺجي پيو
وقت مٺجي پيو
وقت جي پير سان پير گڏجي کڻون
موت آهي پُٺيان ۽ اڳيان زندگي
ديد آڏو رهي
پوئتي ڇو ڏسون
جيترو ٿي سگهي وک اڳتي وڌون
وک اڳتي وڌون
وک اڳتي وڌون

## نوڪري ۽ چوڪري

نوڪريءَ ۽ چوڪريءَ پويان پيا آهن سڀئي
نوڪري ڪُجھ آهي ليڪن
نوڪري سڀ ڪُجھ تہ ناهي
چوڪري ڪُجھ آهي ليڪن
چوڪري سڀ ڪُجھ تہ ناهي
نوڪري جن کي نہ آهي
ڇا اُهي جيئن نٿا؟
چوڪري جي کو نہ ملندي
ڇا مري وڃبو ڀلا؟
نوڪري انسان جي مرضيءَ کي ماري ٿي ڇڏي
چوڪري ڳٽتيون ڏئي ماڻهوءَ کي ڳاري ٿي ڇڏي
ڪي وڏا انسان ها
ساري عمر تنها رهيا
نوڪر بہ ڪنهن جا کو نہ ٿيا
پنهنجي حياتي سي سڀئي
من موج سان گھاري ويا
دنيا کي سينگاري ويا.
هو روح سان هر راز جي انداز کي ڄاڻي ويا
۽ هر گهڙيءَ کي پنهنجي مرضيءَ ساڻ سي ماڻي ويا



## جانِ من

ڪلفٽن جي محل ۾ رهندڙ اڪيلي جانِ من
تون ڪروڙن جي محل کي جيل سمجهي ٿي رهين
پيار آڏو ڪارِ کي تون ويل سمجهي ٿي رهين
نوٽ توکي نينهن آڏو نانگ جهڙا ٿا لڳن
تنهنجي اندر جي سڀن اڏمن ائين دانهون ڪيون
سمنڊ ويُرن جيئن ڪنارن ڏي پٽي ڪاهون ڪيون
تنهنجا سڀ احساس ڪنهن واريءَ جا گھر ٻڻجي ويا
ڪنهن وڏيءَ دولت جي هڪ طوفان ۾ اُڏري ويا
خواب ٽُنهنجا لڙڪ ٿي اکڙين منجهان نڪري ويا
رات جهڙي ماٺ تنهنجي زندگي ٻڻجي وئي
پنهنجي جيون لاءِ تو ڇو نانگ جو نالو ورتو
پاڻ تو پنهنجن هٿن سان زهر جو پيالو ورتو
پاڻ کي هاڻي نئين ڪا آس ڏي اُميد ڏي
تنهنجي در تي عشق ايندو باھ جا شعلہ کڻي
نينهن ٽُنهنجا نيڻ چُمندو جيءَ جا جذبا کڻي
ڪنهن جوانيءَ ساڻ جوڀن کي ملي جيئڻ تہ ڏي
پاڻ چُسڪي چاھ جي تون پيءُ ۽ پيئڻ بہ ڏي
ڪلفٽن جي محل ۾ رهندڙ اڪيلي جانِ من_!!!

# وسڪي

وسڪيءَ جي باري ۾ زاهد
مون کان ڪهڙي ڳالهه پُڇين ٿو
وسڪيءَ جي ٻن پيگن کانپوءِ
ساھ سمندر ٿي ويندو آ
ساري جڳ جي ساري ڌرتي
منهنجي ٻڪ ۾ هوندي آهي
۽ مان ڏاڍي چاھ منجهاران
ساري جڳ جي سونهن سموري چُمندو آهيان
پاڻ کي پيارو لڳندو آهيان
وسڪيءَ جي ٻن پيگن کانپوءِ
منهنجي اندر جو آئينو
منهنجي آڏو ايندو آهي
۽ مون کي چوندو آ سائين
ساري دنيا تنهنجي آهي
تون ساري دنيا جو آهين
۽ مون کي ائين لڳندو آهي
پنهنجي اندر جي آڏو مان
نئين سِر پيدا ٿيندو آهيان
پنهنجي هوش ۾ ايندو آهيان
۽ ويهي سوچيندو آهيان
مان ڪجهه آهيان
مان ڪجهه آهيان
وسڪيءَ جي ٻن پيگن کانپوءِ
وسڪيءَ جي ٻن پيگن کانپوءِ



# مٺي ڇوڪري

اي سُهڻي سٻاجهي مِٺي ڇوڪري
ڪچيءَ ميڻ جهڙي نرم دل ڪٺي
اڪيلي اڪيلي ٿي ڪيڏانهن وڃين
شهر تي پيل رات جي سانت آ
تنهنجا نيڻ خوابن سان ڪيڏي اُٿيا
اُميدن جا ڀرپور آرس ڀڃي
تنهنجا انگ انمول نکري پيا
اُجايل ڇپن ۾ ڪٺي آرزو
سمندر جي سيني کي آڇين پئي
مگر سمنڊ ۾ سگهه ايڏي ڪٿي
سڄي اُڄ تنهنجي اُجهائي سگهي
ڇپن منجهه تنهنجي وڏو چاھُ آ
سمندر ۾ ايڏو ڪٿي ساھُ آ
سمندر کي لڙڪن جون ڇوليون ڏئي
وڃين ٿي نراليون پروليون ڏئي
اي سُهڻي سٻاجهي مِٺي ڇوڪري
اي سُهڻي سٻاجهي مِٺي ڇوڪري

## تون ڇا آهين

صبح جي هير تنهنجي پيار جي احساس جهڙي آ
تنهنجي پاسي ۾ هر ڪا شام وسڪيءَ جام جهڙي آ
تنهنجي هر مرڪ منهنجي شاعريءَ جو روح بڻجي وئي
حياتيءَ جا سيئي پل پهر مون توکي ڏنا آهن
۽ هر ڪا رات جيڪا تنهنجي ٻانهن ۾ ملي آهي
اُها مون کي سوين ورهين جي جيون کان مٺي آهي
نہ پُڇندي ڪر مون کان جانان
تہ منهنجي لاءِ تون ڇا هين؟
سڄي دنيا جي ڌرتيءَ جي
سموري سونهن تون آهين
جي تون آهين تہ سڀ ڪُجھہ آ
جي تون ناهين تہ ڪجھہ ناهي
سوا تنهنجي سڄي ڌرتي
مٽيءَ جي ڍير جهڙي آ
دنيا ڏاڍي حَسين آ پر
تنهنجي هڪ پير جهڙي آ
تنهنجي هڪ پير جهڙي آ



## مرضي

هر ماڻهوءَ جو من ٿو چاهي،
جهڙو تهڙو پنهنجو جيون
پنهنجي مرضيءَ ساڻ گُذاريان
مرضي جيڪا سگهہ بہ آهي،
سونهن بہ آهي، سَچُ بہ آهي،
تُنهنجو منهنجو پيار آ مرضي
نفرت جو اظهار آ مرضي
رشتن جو سينگار آ مرضي
دُنيا جو وهنوار آ مرضي
جنهن مرضيءَ کي ماريو ويو آ
هر ماڻهوءَ جو حق آ مرضي
مرضي پر ها! اهڙي مرضي
جيڪا ڪنهن جو جيءُ نہ جوکي،
پيار محبت جو ٻجُ پوکي
هر من اهڙي مرضي بڻجي
جنهن سان جنت ڌرتي بڻجي
اهڙيءَ مرضيءَ جي لئہ جاني
پنهنجو سِرُ تريءَ تي آڻي،
اناالحق جو نعرو هڻجي
پوءِ ڀلي سوليءَ تي چڙهجي
پوءِ ڀلي سوليءَ تي چڙهجي

# مُنافقي

اڳيان منافق
پُٺيان منافق
وڃئون تہ ڪاڏي وڃئون او سائين!
دڳن ۾ چهرا منافقن جا
گلاب جا گُل ٻڌيا اچن ٿا!!
اندر ۾ ڪنڊن جا ڍير سانڍي
هو مُرڪندا اَڻ ڳڻيا اچن ٿا!!
اسان اڪيلا
سفا اڪيلا
منافقن جا هزار ميلا!!
ملئون تہ ڪنهن سان مِلئون او سائين
ڪلئون تہ ڪنهن سان ڪلئون او سائين
دلين منجهان ڏوڙ پئي اُڏامي
مري ويو ماڻهن جو ماڻهپو آ
نہ ڪائي چاهت نہ ڪا محبت
نہ ڪائي اُلفت نہ عاشقي آ
نہ ڪوئي سجدو سچو ڪرن ٿا
نہ ڪائي پوڄا پڪي ڪرن ٿا
هتي جيئڻ آ عذاب زاهد
هتان جي هر دين سان آ دوکو
هتان جو مذهب منافقي آ
هتان جو مذهب منافقي آ



# جواني

هر ڏينهن جوانيءَ جو
رنگين ڪهاڻي آ
ڪنهن چير جو چمڪو آ
سُر تال جي سنگم سان
هر ٺهڪ ترنم آ
هر مُرڪ ۾ جادو آ
احساس افق جيڏا
جذبا نہ جُهڪڻ جهڙا
جلوہ بہ جواني جا اهڙا تہ عجب جهڙا
هر صبح هوائن جي هُٻڪار چُميون ڏي ٿي
هر شام جي رنگن ۾ ڪنهن جام سان گڏ آهيون
۽ رات جي ٻانهن ۾ ڪنهن رام سان گڏ آهيون
هر مهل اسان جي آ مخمور گذاريون ٿا
ڀرپور جواني آ ڀرپور گذاريون ٿا
ڀرپور گذاريون ٿا
مخمور گُذاريون ٿا

## اسان جي منزل

لکن ڪروڙن
شديد زخمن
سهي وجھڻ ڪان بہ پوءِ پيرن
چيو تہ هلبو اڃان بہ اڳتي
نہ موٽجان اي مٺا مسافر
پهاڙ پاسو ڪندا اسان کي
رڻن مان رستا ڪڍي سگھون ٿا
نہ زلزلہ ڪُجھہ ڪري سهن ٿا
نہ ڪنهن بہ طوفان کان ڊڄون ٿا
جڏهن کان جهوميو جنون جيءَ ۾
اچي ويو اهڙو مزاج من ۾
محبتن ۾ ڪٽي وياسين
قدم قدم ڪائنات جيڏو
هي عشق جو معجزو آ سائين
قيامتون گڏ ڪٽي هلون ٿا
سَچين ۽ سُهڻين۔ مٺين ۽ پيارين
دلين جا ٻڻجي ڏٽي هلون ٿا
اسان جي پيرن جا زخم هر پل
ڪنهن مڇ وانگر مچي چون ٿا
۽ مست ماٽهو نچي چون ٿا
اسان جي منزل پري آ ليڪن
اسان جي منزل اسان لئہ آهي
اسان کي منزل ضرور ملندي
اسان کي منزل ضرور ملندي



## مئخانو

هر ڪنهن جو من مئخانو آ
هر ڪنهن من ۾ پنهنجي مئہ آ
سارا ساهہَ سُڪون گُهرن ٿا
جام سوا آرام ڪٿي آ
هر ڪو جيءُ جيئڻ ٿو چاهي
جهومي جام پيئڻ ٿو چاهي
جيڪو جهومڻ کان روڪي ٿو
سو جذبن جو قاتل آهي
جيڪو جيئڻ کان روڪي ٿو
اُن کي چو انسان چئو ٿا!!
اُن کي چو انسان چئو ٿا!!
جيڪو جيئڻ کان روڪي ٿو!!!
جيڪو پيئڻ کان روڪي ٿو!!!.

# اُميد ن جو رستو

دل کي دل جي ديد سُجاڻي
رشتن جي راهن ۾ هاڻي
اهڙو راڻو
نينهن نماڻو
ڪو بہ تہ ڪونهي
جيڪو جاڻي
پنهنجو سمجهي
منهنجي من کي
پنهنجي اندر ۾ ترسائي
ڪو بہ تہ ڪونهي
چئني پاسي



ڪو بہ تہ ڪونهي
آنءُ مافسر اُميدن جو
پنهنجي من ۾ پنهنجي ڳولا
ڪيڏو ڏور وٺي وئي آهي.
جيڏي سگهہ اندر ۾ آهي
تيڏي سونهن سفر ۾ آهي
ويندي ويندي هر اندر کي
پنهنجي اندر ساڻ ڏسان ٿو
من جو ميرو
گهور انڌيرو
ڪيڏا اندر اونداهي ٿو
جيءَ جتي جلاد سمورا
گهر گهر قيد جو پڃرو آهي
جيون جڻ ڪو جيل ڪٽيوسين
پوءِ بہ اُميدُن جو رستو
ڪو نہ مٽيوسين
ڪو نہ مٽيوسين
پنهنجي اُميدن جو رستو
پنهنجي اميدن جو رستو.

## پنهنجو گهر

جو ڪپي توکي ۽ مون کي
سو ڪٿي آ گهر هتي
هل پرين هلندا هلون
هي دُنيا ڪيڏي وڏي آ
هل سڄي دُنيا گهمون
من ڪٿي ڪو گهر ملي
گهر اُهو اهڙو هُجي
جو سفا پنهنجو هُجي
حاڪم جي هر ڪنهن حُڪم کان
ظالم جي هر ڪنهن ظلم کان
ساري عُمر آجو هُجي.
هل پرين ڳولي ڏسون
من دُنيا ۾ توکي مون کي
اهڙو ڪوئي گهر ملي
اهڙو ڪوئي گهر ملي



## غربت

غربت اهڙي ڏائڻ آهي
ماڻهوءَ کي مُردار ڪري ٿي
بي همت بيڪار ڪري ٿي
ذهنن کي ٿي زنگ لڳائي
ڪيڏا جسم جلائي ويئي
ساري سونهن جي قاتل آهي
رَتُ جي رشتن کي رستن ۾ روز رُلائي ويئي غربت
ها! پر غربت اُن ماڻهوءَ جو ڪنڌ جُهڪائي ڪو نہ سگهي ٿي
جيڪو ماڻهو پنهنجي من ۾ سمنڊ جيان ڪاوير رکي ٿو
۽ زندهہ ضمير رکي ٿو
اهڙي ماڻهوءَ آڏو غربت ڪارونجهر جي سگهہ جيان آ
اهڙو ماڻهو مجبورين کي
پنهنجن پيرن ۾ چيپياٿي
موٽي مور نہ ڏسندو آهي
اڳتي اڳتي وڌندو آهي
جيڪو ماڻهو سارو جيون
دردن سورن ۽ صدمن سان
جنگيون جوٽي جيئندو آهي
سوئي سونهن سجاڻيندو آ
نيٺ سو منزل ماڻيندو آ

## ملڪ نديم جي ياد ۾

هم ظرف هم خيال همسفر همضمير
سوچن ۾ شهنشاهہ طبيعت ۾ هو فقير
محبوب منهنجو سنڌ جي مِٽيءَ جو هو خمير
ساري عمر هو قوم جو سچو رهيو سفير
تجريدي نظم جنهن لکيا هر سال بي مثال
ماڻهو بہ هو مننار ۽ شاعر بہ باڪمال
چُپ چاپ علم ادب جي خدمت ڪندو رهيو
پنهنجي حصي جو بي حساب ڪم ڪري ويو
اَڄُ دوستن جي وچ ۾ دلبر اُهو نہ آ
محفل تہ اَڄُ بہ آهي پر منظر اُهو نہ آ
وڇڙي تہ ويو آ ليڪن وسري نٿو سگهي
ايئن ٿو لڳي تہ اڄ بہ هو ڪئمپس ۾ آ ڪٿي
وسري تہ ڪيئن وسري انسان هو عظيم
يارن جو سچو يار هو منڙو ملڪ نديم
يارن جو سچو يار هو منڙو ملڪ نديم



## پياري حَسن شيخ جي لاءِ

اي مُنهنجا دوست
اي دلبر
مِٺا مَنٺارَ حسن
مون تو ۾ حُسن شناسيءَ جي وڏي سَگهہَ ڏِٺي
مون تو ۾ سنڌ سان چاهت جي نہ ڪا حد ڏِٺي
قوم جي هر سچي ڪردار جو تون عاشق آن
سنڌ سان گڏ سڄي سنسار جو تون عاشق آن
تون جڏهن سچ سندي سوچ ڪڍي سوچين ٿو
روح رهبر سان مِلي رهزنن کي روڪين ٿو
واٽ ٻڌجي ٿو وڃين سچ جي سرواڻن جي
باک ٻڌجي ٿو ٻيهين راڄ سندن راڻن جي
خوب سَمجهين ٿو پرين ادب جي اوچائيءَ کي
بيت وائيءَ غزل گيت جي گهرائيءَ کي
تو سچي روح سان سنسار کي سمجهو آهي
پنهنجو مذهب تو پرين پيار کي سمجهو آهي
پيار کي پيار سان پيئنا بہ ڏيڻ ڄاڻين ٿو
تون سچي پيار جي پوڄا بہ ڪرڻ ڄاڻين ٿو
ان ڪري هڪ نہ زماني ۾ هزارين زاهد
پيار جي موٺ توکي پيار سان ڏيندا رهندا
اي مُنهنجا دوست
اي دلبر
مِٺا مَنٺارَ حَسنَ۔

## شرابين جو ميلو

اڇو مست مخمور مئہ جا موالي
سنڌوءَ جي ڪناري ڪا محفل سجايون
لڳايون وڏو ڪو شرابين جو ميلو
۽ ساري دنيا جا شرابي گُهرايون
سڄي جڳ ۾ جيڪو پيو آ شراب
اُهو سڀ سڪر جي شهر ۾ پُڄايون
۽ روهڙيءَ جي پُل تان وڏي جوش سان
کولي بوتلون سڀ سنڌوءَ ۾ مِلايون
۽ پوءِ منهنجا جاني سڄي عمر پيئون
پنهنجي موت کي مات ڏئي پاڻ جيئون
۽ جيئون سچا صاف انسان بڻجي
اجايو نسل رنگ مذهب جي نفرت
سموري دنيا کي وڪوڙي وئي آ
موالين جي دل ۾ ڪوئي مير ڪونهي
اسان لاءِ انسان ڪو غير ڪونهي
هزارين ڏکن ۽ عذابن جي هوندي
سموري دنيا جي سُکن لئہ ٿا سوچيون
متان ڪو موالين کي مدهوش سمجهي
وڏا هوش ۽ جوش جذبا رکئون ٿا
محبت موالين جو مذهب آ سائين
محبت ۽ مئہ کي ملائي پيئون ٿا
اسان جا فرشتا اسان ساڻ آهن
فرشتن سان گڏجي پيئڻ ڏيو پيئڻ ڏيو
فرشتن سان گڏجي جيئڻ ڏيو جيئڻ ڏيو



## سمنڊ جو اولاد

سمنڊ ڪان ڇو ٿا ڇنو هن سمنڊ جي اولاد کي
هي مڇيرا
توڙي ميرا
پر صدين ڪان هيل تائين سمنڊ جا آهن سويرا
سمنڊ ۾ راتيون هنن لئہ زندگيءَ جون چاهتون
سمنڊ جون ڇوليون هنن لئہ عمر ڀرجون راحتون
سمنڊ جي هر وير جا هي وير بڻجي ٿا رهن
۽ هي ورهن ڪان رهيا هيراڪ ٿڌڙي هير جا
سمنڊ جو پاڻي هنن جي زندگيءَ جو نانءُ آ
سمنڊ ڪان ٿيندا پري جاني نہ منهنجا جيئندا
زندگيءَ جي هر پهر کي زهر سمجهي پيئندا
سمنڊ جي جهولي ٿي گهرجي سمنڊ جي اولاد کي
سمنڊ ڪان ڇو ٿا ڇنو هن سمنڊ جي اولاد کي

(نوٽ: هي نظم سنڌي سمنڊجي ٻيٽن جي
وڪامڻ واري واقعي ڪان متاثر ٿي لکيم)

# جيون کي جرڪايون

هر ڪو ماڻهو
پنهنجي پنهنجي
اندر کي ميدان بڻائي
جيئڻ جي ٿو جنگ لڙي
جيئڻ ڪيڏو اوکو آهي
اندر منجهه عذابن هوندي
منهن تي منڙي مُرڪ سجائي
پاڻ کي ڏيڻو دوکو آهي
هر ڪنهن من ۾ پنهنجي پنهنجي دردن جي ٿي باهه ٻري
باهه ۾ پڙڪي
هڪ ٻئي جي لئه
دوزخ جهڙا ٿي ويا آهيون
چو نه ٿا سوچن کي سمجهايون
پاڻ ته سڀ هڪ ٻئي جا آهيون
پيار جو ٿڏڙو پاڻي ٻڻجئون
هڪ ٻئي جي اندر ۾ پڙڪيل دوزخ جهڙي باهه وِسايو
هر جيون جرڪڻ ٿو چاهي،
هر ڪنهن جيون کي جرڪايون
هر جيون جهومڻ ٿو چاهي
هر ڪنهن جيون کي جهومايون.
هر ڪنهن جيون کي جهومايون



# ماني

پيٽ ٻُکايل ماڻهو جڳ ۾ ماني ڳولي ٿو
ٻُک جي آڏو
عشق به ماني
پيار به ماني
سونهن به ماني
ساهه به ماني
سچ به ماني
چنڊ به ماني
ڌرتي ۽ آڪاش به ماني
دين ڌرم ڀڳوان به ماني
ماڻهوءَ جو ايمان به ماني
جيئڻ ڪو پوڙهو يادن مَنجهه جواني ڳولي ٿو
بيوس ماڻهو سوچن ۾ ايئن ماني ڳولي ٿو
بيوس ماڻهو سوچن ۾ ايئن ماني ڳولي ٿو.

# انصاف جو ڳاٽو

گِذريءَ ۾ هڪ محل جي آڏو
مِل مالڪ جو ضدي ڇورو
پوڙهي چوڪندار جي ٽوپي
لتل ۾ لوئاڙي بيٺو
پوڙهو ڳوڙها ڳاڙي بيٺو
هٿ ٻَڌي اُڇنگارون ڏيئي
ضديءَ ڇوري جي پيرن تي
هر هر پنهنجا هٿ رکي ٿو
پر هو مل مالڪ جو ڇورو
ڏاڍي جيڏي هن پوڙهي کي
ڪنهن هڪڙي ننڍڙي غلطيءَ تي
مُڪن سان ٿو ماري بيٺو
چوڪيدار جو ننڍڙو نينگر
ڪاوڙ ۾ مُنيون پيڪوڙي ۽ ڏند ڪرٽي
مل مالڪ جي پاپي پُٽ جو
پٿر سان ٿو مٿو ڦاڙي
فون ٿئي ٿو
سائرن جو آواز اچي ٿو
منٽن منجهه پوليس ٿي پهچي
پُٽ ٿو ٻڌجي- پيءُ ٿو ٻڌجي
ماءُ ٿي ٻڌجي- ڌيءُ ٿي ٻڌجي
ٿاڻي تي قانون جو بوتو
ايس ايچ او جي پيرن ۾ آ
ڪورٽ ۾ انصاف جو ڳاٽو
جج پيڇي ڪُتن کي اُڇليون
مسڪينن جي بربادي‌ءَ تي
وحشي ويٺا ٽهڪ ڏين ٿا.
جاڏي تاڏي نوٽ نچن ٿا
ڪو بہ ڪُڇڻ وارو هت ڪونهي
ڪو بہ پُڇڻ وارو هت ڪونهي.



# ڪارا وحشي

منهنجي منڙي ديس ۾ سائين
ڪيڏا ڪارا ڪارا وَحشي
ساري هن عوام جي خاطر
نالي ۾ تہ محافظ آهن
پر هي سارا ڪارا وحشي
ايندي ويندي هر ماڻهوءَ جو
بي ڏوهي پياماس پٽن ٿا
ڏاڙيلن جا يار پُراڻا
چورن جا ساٿاري آهن
ديس ۾ ٿيندڙ ننڍي وڏي
ڪُڌي ڪم جا ڪرتا ڌرتا
لوڳهن کان وڌ لوگها آهن
مسڪينن جو رَت پيئن ٿا
حيرت جهڙي ڳالهہ تہ آهي
ماڻهوءَ جهڙا ماڻهو هوندي
وحشين وانگر ڪيئن جيئن ٿا!!
وحشين وانگر ڪيئن جيئن ٿا!!

## بي حسي

ڪتا پئونڪي
پنهنجي در تان
چور ڀڄائن ٿا
پاڻ تہ ڪُتن جهڙو ڪم پي ڪو نہ ڪيو سائين!!
گهري گهري ننڊ ڪئي سين!!
وڪريل وڪريل خواب ڏٺاسين!!
ساري عُمر سُتي گُذري وئي!!
اڄ پنهنجي ساري ڌرتيءَ کي
ڪيڏا ويا ڏاڙيل وڪوڙي!!
پاڻ ڦُرائي وينا آهيون!!
پوءِ بہ ڪيڏا بي حس آهيون!
پنهنجون پنهنجون مڇون مهٽي،
سينا تاڻي ايئن هلون ٿا
پاڻ سان جڻ ڪُجهہ ٿيو ئي ڪونهي!!
پنهنجن شهرن جا رکوالا چونہ ٿيا آهيون
غيرن جي لئہ ٻڙڇون پالا چونہ ٿا آهيون
ڪتا پئونڪي پنهنجي در تان چور۔ ڀڄائن ٿا
پاڻ تہ ڪتن جهڙو ڪم پي ڪو نہ ڪيو سائين!!



## آسمان روئي ٿو

بارشن جي موسم ۾
ها! جڏهن جڏهن جانان
تيز مينهن وسندو
مون کي ايئن لڳندو آ
جڻ سموري ڌرتيءَ تي
ظلم ۾ عذابن جي
باهہ کي وسائڻ لئہ
آسمان روئي ٿو!!
هيڏي ساري دنيا ۾
بي قصور ماڻهن جو
خون ڪيئن وهيو آهي
درد ڪيترا آهن
زخم ٿا ڳُرن ڪيڏا
جيءَ ٿا جُهرن ڪيڏا
هيل تئين سڀي ڌرتي
ڪيئن تڙپندي آئي
آسمان ڄاڻي ٿو
سور کي سُڃاڻي ٿو
هن سڀي زماني جي
بي شُمار ظلمن تي
بارشتن جي موسم ۾
ها! جڏهن جڏهن جانان
تيز مينهن وسندو آ
مون کي ايئن لڳندو آ
آسمان روئي ٿو
آسمان روئي ٿو

## ڪلاڪار

هر ڪلاڪار جي سوچ ۾ سونهن آ
سمجهه ۾ سگهه آ
جنهن وڏيءَ سگهه سان
هو صدين کان وٺي
ساري سنسار کي
ايئن سنواري پيو
جيئن هر ماءُ هر صبح ۽ شام جو
ڪنهن وڏي چاهه سان
پنهنجي پيارن ٻچن کي
سينگاري سنواري
چُميون ٿي ڏئي
هر ڪلاڪار دنيا جو دلدار آ
هن جي ٻولي ڪلا
هن جو مذهب ڪلا
هن جي اندر ۾ ساري زماني جي لئه
پيار ئي پيار آ
هي ڪلاڪار آ
ها! ڪلاڪار آ
جنهن جي دم ساڻ سهڻو هي سنسار آ



## عزت وارو

سو ڪيئن ڪنهن جو سورُ سڃاڻي
جنهن جي دل آ دانگيءَ جهڙي
سو ڪنهن جي لئه ڇو سوچيندو
سوچ آ جنهن جي گندي اهڙي
ڇتي ڪُتي نانگيءَ جهڙي!
سو ماڻهوءَ جو روپ ته آ پر
سوئر جهڙو ساهه رکي ٿو!!
اهڙو من جو گندو ماڻهو
ڇو نه پلي سو شاهه هُجي
توڙي سڄو پاءُ هجي
عزت وارو مور نه هوندو
ڪنهن کي پيارو مور نه هوندو
ڪنهن کي پيارو مور نه هوندو

## دين ۽ ڌرم

اهڙو مذهب ڪو نہ گهرجي
جيڪو ماڻهن جي دلين ۾
نفرتن جي پوک پوکي
جنگ جو ميدان جيڪو
ساري دنيا کي بڻائي
دين اهڙو ڏوڙ ۾ پئي
مون کي اهڙو ڌرم گهرجي
مون کي اهڙو دين گهرجي
جيڪو ساري جڳ جي اندر
هر قدم تي هر نظر ۾
زندگين ۾ چاهتن جي
روشنين ۾ راحتن جي
نور جهڙي لاٽ ٻاري
پيار جي پيغام سان گڏ
امن ۽ انصاف آڻي
مون کي اهڙو ڌرم گُهرجي
مون کي اهڙو دين گهرجي.



## روزائتن ڏانهن

ڏنوسين تہ آڪاش تي ڪالهہ اُڀريو
مگر چنڊ چهرن تي اُڀريون تہ ناهي
مها مان وارا اي روزائتو
اوهان جا رڳو هڪ مهيني جا روزا
اسان جي سڄي زندگي آهي روزو
اوهان جي تہ هر سال نئين عيد آهي
اسان جي الائي ڪڏهن عيد ايندي
مگر آس آهي ڪڏهن نيٺ ايندي
ها ايندي
ها ايندي
۽ ايندي تہ اهڙي
گلابن جي من موهہ سُرهاڻ جهڙي
۽ چوڏهينءَ جي شفاف چانڊاڻ جهڙي
ڪوئي گهر بہ اوندهہ ۾ ورتل نہ هوندو
ڪائي چُلهہ ڪُنيءَ کان بہ خالي نہ هوندي
اسان جون اميدون پُڪارن ٿيون جنهن کي
اُها عيد جوڀن تي آخر تہ ايندي
ها ايندي
ها ايندي
۽ ايندي تہ اهڙي
سچائن جي مجموعي احساس جهڙي
دنيا جي وساريل ڪنهن انصاف جهڙي
اُها عيد ايندي
اُها عيد ايندي
اسان جون اُميدون پڪارن ٿيون جنهن کي

## هيمون ڪالاڻي ۽ جو ماءُ ڏانهن خط

بند ڪوليءَ ۾ امان
ڳاٽ اوچو آ اڄان
آڻ مون ناهي مڃي
اڄ ٻہ جابر جي اڳيان
تنهنجي عزت جي ڪري
مان پلي ڦاهيءَ چڙهان
ديس لئہ جي دم ويو
پاڳ پريو آهيان
قيد ڪڙين ۾ ڏسي
آسرو لاهين متان
ساٿ جي پهچي پيو
جيل ٽوڙي ٿو اچان
راڄ پنهنجي سان ملي
ڏاڍ سان ڏاڍو وڙها



ماٺ مَرڻي ڪان پلو
جي مران وڙهندي مران
او امان منهنجي امان
منڙي امان پياري امان
هانءُ تون هارين مَتان
مان ڪڏهن مرڻو ناهيان
مان ڪو دشمن جي دٻن ۾
عارضي ڏرڻو ناهيان
مان تنهنجو هيمون آهيان
مان تنهنجو هيمون آهيان
هيمون ڪڏهن مرندا ناهن
پر جي مان وحشين هٿان مُنهنجي امان ماريو ويس
هن ئي مٽيءَ مان وري ملندو مون کي هر هر جنم
جيستائين ظلم جو راڪاس رهندو ديس ۾
هر جنم ۾ تنهنجو هيمون سر ڏيندو نئين ويس ۾

## شهيدن جو سپنو

سچائن جا قاتل
حقيقت جا مُنڪر
هزارين اکين کان لڪي ڪين سگهندا
عوامي هٿن کان بچي ڪين سگهندا
غريبن اپيپن يتيمن جون دانهون
هي پيٽ ۾ مائن جي اندر جون آهون
۽ مسڪين مظلوم ٻارن جا سُڏڪا
ٻُڌي عرش جو روح روئي پيو آ
وڏيءَ ويڙهه لئه فرش واسين چيو آ
جبر جي اڳيان ڪنڌ چا لئه جهُڪايون
اسين ديس ڌرتيءَ جا دلدار آهيون
اوهان ۾ غداريءَ جي عادت پُراڻي
اسان جي رڳن ۾ وفائن جو رت آ
ٻئي ڪن ڪولي ٻڌو حڪمرانو
اسين پنهنجي منزل تي پهچڻ ٿا چاهيون



اسان کي هٿائي هيستائي نه سگهندئو
رُلي پاڻ ويندئو رُلائي نه سگهندئو
اسان جي ارادن منجهان پڪ سمجهو
اوهان جون ته پاڙون اکيڙيئي ڇڏبيون
اسان جي ته هالار جهڙن هٿن سان
جڏهن ڏيهه ۾ ڏاڍا کي موت ملندو
تڏهن هر سسئيءَ کي پنهنجو هوت ملندو
شهر جي بازارين ۾ ڳوٺن ڳلين مان
امن ۾ مُحبت جي هُٻڪار ايندي
برن ۾ بهارن جي ٽڏڪار ٿيندي
مون هر جيءَ ۾ آس جو گهر اڏيو آ
مون هر موت کي زندگيءَ لئه سڏيو آ
جمهوريت جي سارن شهيدن جو سپنو
پرين پنهنجي تعبير سان نيٺ ملندو
ڪونهندو ڪو ڌهندو
ڪو جيئندو ڪو مرندو
ازل کان ائين ئي ته ٿيندو رهي ٿو
نئين روپ ۾ وقت ايندو رهي ٿو
نئين روپ ۾ وقت ايندو رهي ٿو.

# سنڌ امڙ جو ساھہ

مَرسون مَرسون
سنڌ نہ ڏيسون
پوريءَ سگھہ سان اھڙو نعرو
آزاديءَ جي جنگ ۾ ھوشوءَ
جنھن پل ۾ گونجاريو ھوندو
مان سمجھان ٿو اھڙي نعري
ساري اُپ کي ڌاريون ھوندو
وقت وري موٽي آيو آ
سنڌ امڙ جو ساھہ گُھري ٿو
ھوشوءَ وارو نعرو گھرجي
جنھن سان اھڙو مچ مچي پئي
سنڌ امڙ جو ساھُہ بچي پئي
سنڌ امڙ جو ساھُہ بچي پئي



# سنڌي ميڊيا چينل

سنڌي ٻوليءَ جا سڀ چينل
چٻرن جي چنبن ۾ آھن
چٻرا جيڪي چر چر ڪن ٿا
ڌرتيءَ جو سي درد نہ ڄاڻن
چٻرا چٻرن جا ساٿاري
جن کي ڪاري رات آ پياري
سي ڪيئن خواب صبح جا ڏسندا
جن جي اکين ۾ اوندھہ آ
جيڪي دَلي دل رکن ٿا
جن جو ذھن بہ زھريلو آ
سي ڪيئن سونھن سُجاڻي سگھندا
ڪا نہ محبت ماڻي سگھندا
ڌرتيءَ جي تاريخ اُنھن کي
دانگيءَ جو نذرانو ڏيندي
اھڙو وقت بہ اچڻو آھي
سَچُ نگر ۾ نچڻو آھي!
سنڌ امڙ جي غدارن لئہ
ھڪڙي ھڪڙي گولي ھوندي
جن جيجل جي ٿڃ ملھائي
تن لئہ سنڌ جي جھولي ھوندي
تن لئہ سنڌ جي جھولي ھوندي

# اسان خالي هٿين ناهيون

اسان خالي هٿين ناهيون
اسان خالي هٿين ناهيون
اسان جا روح زخمي ٿي پيا آهن ته ڇاٽي پيو
اسان جا ذهن تنهنجي زندگيءَ ۾ زهر اوتيندا
اسان جي سوچ ئي تنهنجي قهر جو موت آڻيندي
اُميدن آبِ ڪِوثر جا پري ڪي جام پيتا هن
اڪين ۾ انتظارن جي صدين جا ساهه جاڳن ٿا
دلين جون ڌڙڪنون خنجر بڻيون آهن خزائن لئه
سفر جيڏو اڻانگو آ عزم اُن کان به آ اوچو
جبل رستا جُهڪي ڏيندا اسان جي موج مستيءَ ڪي
اسان جا قافلا هر ڪربلا سان مُنهن ڏئي ويندا
سنيها سج آهن موڪليا پنهنجي وفائن جا
اوهان جي رهزنيءَ جي رات جا پويان پهر آهن
اسان جي باهه جهڙي جاڳ پڙڪي پاڳ ٿاهيندي
اسان پنهنجن ارادن خواهشن جا خود خدا آهيون
اسان خالي هٿين ناهيون
اسان خالي هٿين ناهيون



# ڪارونجهر جي اُڃ

هي ڪارونجهر هي ڪارونجهر
سنڌ جي هر شاعر جو دلبر
هن ڪارونجهر جي آ ڇاتي
موسم برساتيءَ لئه آتي
اوسيئڙا آڙاهه لڳن ٿا
بادل هاڻي برسي پئه تون
ڪارونجهر کي اُڃ لڳي آ
ڪارونجهر جا مور نماڻا
سارو سال سُتائي ناهن
پهر پهر ۾ ڪو ڪارن ٿا
سارنگ ۾ سُڏڪن کي پوئي،
وڏ ڦُڙي کي سَڏَ ڪرن ٿا
کهڙو ڏوهه ڪيوسين تنهنجو
ايڏو ڏور هليو ويو آهين
بادل پيلي ايئن نه ڪر تون
ٿر جي سانگيئڙن جا سائين
ٿر جو جيءَ جيئاپو آهين
اوسيئڙا آڙاهه لڳن ٿا
بادل هاڻي برسي پَئه تون
ڪارونجهر کي اُڃ لڳي آ

## ڪا سنڌ ٻہ هئي

ناراڻ تو سَچُ چيو هو
مون کي هاڻي ايئن لڳي ٿو
شايد اهڙا ڏينهن ٻہ ايندا
هن دنيا جا ماڻهو چوندا
دنيا ۾ ڪا سنڌ ٻہ هئي
جنهن ۾ ڪي سنڌي رهندا ها
۽ جن جي سنڌي ٻولي هئي
هو ڪهڙا ها ۽ ڪيئن هئا؟
تاريخ اُتي چَپ چوريندي
۽ ماضيءَ جا سارا قصہ
دنيا آڏو ورجائيندي
هو جيڪي سنڌي ماڻهو ها
آرام پسند عياش هئا
بي همت ۽ بيڪار هئا
ٿورا ماڻهو سچار هئا
باقي سارا غدار هئا
رهبر بہ اُنهن جا رهزن ها
هو پنهنجن سان گڏجي نہ سگهيا
۽ ڌارين سان اٽڪي نہ سگهيا
هو غيرن کان غافل ٿي ويا
۽ پنهنجن جا قاتل ٿي ويا
دنيا پُڇندي هو ڪيئن مُئا
تاريخ جواب تڏهن ڏيندي
غلطين جا وسائي مينهن مُئا
هو ايئن مُئا
ٻيو ڪيئن مئا !



## مُلان ۽ مسلمان

ملان تنهنجي سَڏَ وڏي ۾
ايڏي ڪائي سگهہ بہ ڪونهي
مان ڌرتيءَ جو گيت ڳائيندس
ساري دُنيا جاڳي پوندي
ڌرتيءَ جي گولي کي هر پل
امن ٿو گهرجي پيار ٿو گهرجي
سونهن ٿي گهرجي
سچ ٿو گُهرجي
پر تون سونهن ۽ پيار امن جو
ماري آهين
ماري رهندين
مان اسلام سان پيار ڪيان ٿو
تنهنجو منهنجو رَبُ آ ساڳيو
اهڙو منهنجو دين تہ ڪونهي
جهڙو تون سمجهائين وينو
تنهنجي سمجهہ کان سچ مٿي آ

مان تہ مسلمان آهيان ليڪن
تون مُلان آن مُلان رهندين
توءِ مون ۾ فرق وڏو آ
مان انسانن جو عاشق هان
تون انسانن جو قاتل آن
هر ڪنهن رنگ نسل جو ماڻهو
مُنهنجي من جو راڻو آهي
تون دل ۾ ساري دنيا لئہ
ڇو زهريلا نانگ ٿو پالين
جيئن هر زاهد کي سجدي ۾
هر ويلي الله ٿو گهرجي
تيئن هن ڌرتيءَ کي ماڻهن جو
امن محبت چاهہ ٿو گهرجي
امن محبت چاهہ ٿو گهرجي



# انتهاپسندي

انتهاپسندن جي
انتها ٿيڻ گهرجي
جي نہ انتها ٿيندي
انتهاپسندن جي
پوءِ ساري دنيا ۾
نفرتن جي سوچن جو
زهر ڦهلجي ويندو
سچ جا اِهي قاتل
چنڊ کي نٽا چاهن
هي سچي زماني ۾
ڪاري رات چاهن ٿا
حد آ جهالت جي
هن حَسين ڌرتيءَ تي
هو عجيب سسٽم جي
حاصلات چاهن ٿا
دين جي بهاني سان
درسگاهہ ۾ ويهي
ذهن ذهن ۾ ڪيڏو
گند ٿا ڀرِن وينا
فيصلي ڪرڻ وارو
وقت اچ اچي ويو آ
هاڻي هن جهالت سان
جنگ ڪا ٿيڻ گُهرجي
انتها پسندن جي
انتها ٿيڻ گهرجي
انتها ٿيڻ گهرجي

# ذهنن جا ڪاريگر

جيڪر ذهنن جا ڪاريگر
جوڳي بڻجي گهر مان نڪرن
شهر شهر ۾
ڳوٺ ڳوٺ ۾
ڦِڳل ڦُريل ذهنن کي جوڙن
ذهن ذهن ۾ سوچ آ پنهنجي
سوچ جيڪا سُقراط بہ آهي
۽ وحشي ذهنن جي اندر
سوچ انڌيري رات بہ آهي
سوچن ۾ ٽڪراءُ رهي ٿو
جنهن سان جيون ۾ وک وک تي
دوزخ جو آڙاهہ رهي ٿو
هي آڙاهہ اُجهائڻ گهرجي
موت کي جيون جي جذبن سان
هيسائي هارائڻ گهرجي
ذهنن کي سُلجهائڻ گهرجي
سوچن کي سمجهائڻ گهُرجي
سوچن کي سمجهائڻ گهُرجي.



# مستيءَ جو موسم

در در آڏو دهشتگردي
ڏاڙهيءَ ڏاڙهيءَ هٿ ۾ ڏنڊو
مذهب جي نالي تي ڪيڏو
انسانن جو خون وهي ٿو
روشن ڏاهپ جا سڀ راهي
منڊا بڻجي چئو واٽي تي
ماڻهن جو ماتام ڏسن ٿا!
حيرت جهڙي ڳالهہ تہ آهي!!
جن جي دل کي ساري جڳ جو
درد سدائين ڏو ڏيندو هو
سي اڄ ننڊ سُتا پيا آهن
۽ هو انسانن جا دشمن
سازن ۽ راڳن جا قاتل
ساري جڳ جي سونهن جا ويري
اوندهہ خياليءَ جا رکوالا
وحشي ٿي نڪري پيا آهن
روشن خياليءَ جا متوالو
مستيءَ جو موسم آيو آ
رندن کي هڪ راهہ تي آڻيو
مئخانا مخمور بڻايو
مستانا منصور بڻايو
مستانا منصور بڻايو

## شيخ اياز جي ياد ۾

ڀٽائيءَ جي بيتن جي خوشبوءِ جو عاشق
ڀٽائيءَ جي سائي ۾ آهي سُتو
تنبوري جي تارن چيو شيخ اياز
هُيو سنڌ جي سوز جو هڪڙو ساز
فڪر جي سچائيءَ جو سينگار هو
وڏيءَ سونهن جو هڪڙو سنسار هو
هو مشتاق هو سنڌ جي سمنڊ جو
هو دلدار هو ديس جي درد جو
ڏئي سنڌ کي چاهه واريون چميون
۽ پائي وڏيون پيار جون ڀاڪڙيون
مٽي پنهنجي ماتا جي ماٿي هٽي
۽ ڌرتيءَ امڙ جون دُعائون کٽي
اسان کان پرين موڪلائي ويو
مگر جوش جيءَ ۾ جاڳائي ويو
وڏا جوش جيءَ ۾ جاڳائي ويو



## اُستاد بُخاريءَ جي ياد ۾

سنڌ جو عاشق بُخاري
عشق جو اُستاد هو
شاعريءَ جو شان هو
۽ شاعرن جي جان هو
ديس جو دلدار هو
محبوب هو منٺار هو
ڇا چوان ڇا ڇا هيو
هر جيءَ جا جذبا هيو
هر سونهن جا جلوه هيو
ساري زماني لاءِ هو
هڪ پيار جا رستا هيو
۽ روح جا رشتہ هيو
سنڌ جي منڙي مٽيءَ کي
جنهن چيو جيجل امان
اڄ بخاري اُن مٽيءَ جي هنج ۾ آهي سُتل
پر بخاريءَ جي سموري شاعري جاڳي پئي
ايئن لڳي ٿو
ڄڻ تہ جنت جون سيئي حورون اچي
پنهنجي هٿڙن سان ويهي پنهنجي مني استاد کي
آبِ ڪوثر جا پيري کي جام ڏينديون ٿيون رهيون
۽ پنهنجي استاد کي دلبر سڏينديون ٿيون رهن
پيار سان شاعر جو منڙو روح ريجهائن پيون
۽ بُخاريءَ جا سمورا گيت هو ڳائڻ پيون
ها! بخاريءَ جا سمورا گيت هو ڳائڻ پيون
۽ فرشتن جا مقدس جيءَ جهومائن پيون
۽ فرشتن جا مقدس جيءَ جهومائن پيون

## تنوير عباسي ءَ جي ياد ۾

خيرپور جي هير ۾
تنوير جي خوشبو اڃان
سنڌ جي سُرهاڻ لئہ
سرواڻ ٿي جاڳي پئي
خيرپور جون محفلون
محبوب سوڳولين پيون
جو محبت ساڻ هر محفل کي موهيندو هيو
پنهنجي ڳالهين منجهہ لفظن جا سچا موتي جڙي
دوستن لئہ گفتگو جا هارپوئيندو هيو
اڄ بہ اُن جي سوچ سان هن خيرپور جي سونهن آ
هو شهر کي پنهنجي يادن جون هوائون ڏئي ويو
دوستن کي دوستيءَ جي لئہ دعائون ڏئي ويو
دوستن کي دوستيءَ جي لئہ دعائون ڏئي ويو



## شيما ڪرماڻي

ڪٿڪ جي رنگن جي راڻي
اي راڻي شيما ڪرماڻي
ناچ نگر ۾ خاموشي آ
تبلي جي ٿي تال پُڪاري
سارنگيءَ ۾ سار آ تنهنجي
تو لئہ سُر سِتار جا ماندا
ڪيڏي سانت وڪوڙي وئي آ
خاموشيءَ کي ٽوڙڻا هلي آ
پنهنجي پائل جي ڇن ڇن سان
يا ڪنهن ڇير سندن ڇمڪن سان
تن من جي سارن انگن سان
سچي جيءَ سندن جذبن سان
۽ دل جي ڌڪ ڌڪ ڌڙڪن سان
سنبارا ۾ ساھُ وجهي ڏي
سنڌ سڄي جهومڻ ٿي چاهي
ورهين کان هن ديس جا ماڻهو
ويڳاڻا ويڳاڻا آهن
سُک جي لاءِ سِڪايَل ماڻهو
مُرجهايل مُرجهايل آهن
هي سارا ايذايل ماڻهو
مُرڪن جي ڳولا ۾ آهن
شاعر جي سوچن کي سمجهي
سا زنده سازن کي ڇيڙيو
من اندر جي گهرائيءَ سان

روح جي ساري سچائيءَ سان
ڪو راڳي آلاپ لڳائي
جنهن تي سمبارا جهومي پئي
۽ پنهنجا هٿ پير هلائي
اهڙي پياري جُهمر پائي
جنهن جُهمر جو جادو پل ۾
سنڌ سموريءَ کي جهومائي
۽ پوءِ سنڌ سموري گڏجي
ساري دُنيا کي جهومائي
ساري دُنيا کي جهومائي



## شاعر ۽ موسيقار

اهڙو موسيقار هُجي ڪو
جيڪو پنهنجي ساز سُرن ۾
ساري جڳ جا سور سمائي
پيار پريت جامن موهيندڙ
ڪي مِٺڙا آواز لڳائي
ساري دنيا کي چاهت جي
هر ڪنهن روح سنديءَ راحت جي
سُر ۾ سچي راهه ٻُڌائي
اهڙي موسيقار کي هڪڙو
اهڙو پيارو شاعر گهرجي
جيڪو هن ساري دنيا جي
ڌرتيءَ کي پنهنجي دل سمجهي
هڪڙو اهڙو گيت لکي ڏي
جنهن کي ساري دنيا پنهنجي اندر جو آواز ٻڌائي
۽ پوءِ هڪڙي سوچ اُڏامي
امن محبت جي جذبن سان
هر ڪنهن جيون کي جرڪائي
جڳ کي اهڙو شاعر گُهرجي
اهڙو موسيقار بہ گُهرجي
جيڪو ساري جڳ جي خاطر
ساري جڳ سان گڏجي ڳائي-
ساري جڳ سان گڏجي ڳائي-

## شاعر جو گهر

لاوارث ۽ بي گهر ماڻهو
روئي مُنهنجو دڳ جهلي ٿو
سُڏڪي مون کان سوال پڇي ٿو
هن ڌرتيءَ جي ڏک جا شاعر
سنڌ ۾ تنهنجو گهرُ ڪٿي آ
مان هُن سان ڀاڪُر پايان ٿو
پنهنجي سيني سان لايان ٿو
ڏاڍي پيار سان پرچايان ٿو
۽ هُن کي هڪ ڳالهه چوان ٿو
روءُ نہ من جا سچا ماڻهو
پاڻ ٻئي هڪ ٻئي جا آهيون
تنهنجو مُنهنجو رشتو اهڙو
سچي هيري موتيءَ جهڙو
منهنجو گهر آ تنهنجي دل ۾
تنهنجو گهر آ منهنجي من ۾
ها! پر هر ماڻهوءَ کي سائين
جيون گهڙيون گهارڻ جي لئہ
هڪڙو گهر ڌرتيءَ تي گُهرجي
پر هڪڙي شاعر کي سائين
هن دنيا ۾ جيئڻ جي لئہ
هڪڙو گهر هر دل ۾ گهرجي
هڪڙو گهر هر دل ۾ گهرجي



## پنهنجو ڳوٺ

سائڻ منهنجي سنڌ سڄي پر
پنهنجو ڳوٺ پرين آ مُنهنجو
ڳوٺ! جتي مون هوش سنڀاليو
جڙجي ويو اُن جوءِ سان نالو
پهرين پل ۾ هن دُنيا کي
پنهنجي ڳوٺ ڏٺو مون سائين
پهريون ڏک بہ پنهنجن کان ٿي
پنهنجي ڳوٺ مليو هو مون کي
الف بہ پهريون عشق بہ پهريون
۽ پهريون اُستاد بہ مون کي
پنهنجي ڳوٺ مليو هو سائين
پهرين پيار کي پهرين چُمي
پنهنجي ڳوٺ ڏني مون سائين
سا ڪيئن مون کان وسري سگهندي
ٻالڪپڻ جا رشتہ ناتا
روح ۾ رهجي ويندا آهن
بس قسمت جي ڳالهہ آ سائين
پنهنجن ايڏا ڏک ڏنا جو روئڻ لئہ مجبور ٿياسين
پنهنجي ڳوٺ کان ڏور ٿياسين
پنهنجي ڳوٺ کان ڏور ٿياسين

# فيض واهه

ورِهَہ ٿي ويا آهن
ڪا وڏي اُڪير ڪٽي
مان وري وريو آهيان
فيض واهہ جي پُل تي
شاندار ماضيءَ جي
بي شمار يادن کي
مان ائين پيو ڳوليان
جيئن ڪوئي ننڍو ٻالڪ
گم ٿيڻ کان پوءِ روئي
ماءُ کي ڳوليندو آ
فيض واهہ جا ماڻهو
ايترا ويا مٽجي
اڄ هتي، اڳي واريون چو محبتون ناهن
فيض واهہ جون هاٽي
ساڳيون رونقون ناهن
پوءِ پڻ مون کي پنهنجو فيض واهہ پيارو آ
هي تہ منهنجي ماضيءَ جو چمڪندڙ ستارو آ
فيض واهہ پيارو آ
فيض واهہ پيارو آ



# خيرپور ميرس

خيرپور ميرس مُنهنهجي دل جي دُعائن جو شهر
مُنهنجي جيون جي حسين پهرين بهارُن جو شهر

خيرپور جي دوستن جون دوستيون ايڏيون مِٺيون
جيئن هتي بيٺل کجين جون کارکون ڏاڍيون مِٺيون

مُنهنجي هر اُميد جي ٿي ابتدا هن شهر کان
مون وتا ڪيئي محبت جا مزا هن شهر کان

منهنجي پهرين عاشقيءَ جي دلربا آ خيرپور
منهنجي من جي چاهتن جي انتها آ خيرپور

منهنجي لئہ ڪنهن مست مئہ جو جام آهي خيرپور
منهنجي دل جو چين ۽ آرام آهي خيرپور

هي شهر دل جي سچن سُهڻن سپن يارن جو آ
هي شهر منهنجن مٺن ماڻهن پرين پيارن جو آ

هي شهر سورهيہ جو آ سچل جو آ تاجل جو آ
هي شهر حاميءَ جو آ مختيار ۽ زائر جو آ
هي شهر تنوير ۽ زاهد جو آ ڪوثر جو آ

## سکر شهر

سکر مونکي
پنهنجن پيارن
سنگتين جهڙو پيارو آهي
سکر جون سڀ سُهڻيون يادون
منهنجي ساهه ۾ سانڍيل آهن
پل ڪيڏو پر ديس وڃان پر
سکر ڪو نه وساري سگهندس
سکر جي هر سونهن نرالي
هاءِ نشيلي نيم ڪي چاڙهي
شام لبِ مهراڻ جي اهڙي
جوڀن واري خوشبوءِ جهڙي
ڦوهُه جواني جون سڀ يادون
تنهنجي ڀاڪر ۾ برساتون
ڪيئن وساري سگهبيون جانان
سکر جي رستن تي گهاريل
جوڀن وارا ڏينهن سمورا
منهنجي من جي ملڪيت آهن
۽ چاهت جون ساريون راتيون
منهنجي دل جي دولت آهن
منهنجي دل جي دولت آهن



## زندگي

زندگي جهڙي ملي آ
جيئڻ به آهي
ٺيڪ آ
زندگيءَ کان ڪا شڪايت ڇو ڪريون
ساهه ٽڏڙا ڇو ڀريون
لُڙڪ ڇو لاڙيون اسان
هانءُ ڇو هاريون اسان
ڇا روئڻ سان زندگيءَ جو روپ مٽجي ٿو سگهي
ڇا اُداسيءَ سان اسان جو درد گهٽجي ٿو سگهي
پر اِهو افسوس آهي
سفر ۾ ڪيئي مسافر
زندگيءَ جي هر قدم تي
لُڙڪ لاڙي، ٿا ويهن
هانءُ هاري ٿا ويهن
هانءُ هاري ٿا ويهن


## آتم ڪٿا

ڇا ٻُڌايان مون ڪي ساري زندگيءَ ۾ ڇا مليو
ڪيترن سارن منافق دوستن جون دوستون
ٿورڙن ڪن چاهہ وارن دلبرن جون دلبريون
رَت جا رشتا ٿي وَيا ويا سڀ راهہ مقتل گاهہ جي
ديس پنهنجو هو مگر پنهنجو نہ ڪوئي گهر هيو
پيار جي ڳولا ۾ هينئڙو ڀٽڪندو در در رهيو
مان عمر ڀر ديس ۾ پرديس جو پنڇي رهيس
ڇو تہ منهنجي ديس جا ماڻهو گهڻا مُرده هئا
ڏيک ۾ سُهڻا سڀاجها سوچ ۾ لوگها هئا
اِن ڪري ڌرتيءَ مٿان غيرن جو غلبو ٿي ويو
روح مُنهنجو سنڌ ڪي پاڪر وجهي روئي پيو
درد ڌرتيءَ جو ڏسي مون جيترين دانهون ڪيون
سي سيئي دانهون پڙاڏا گيت ٿي گونجي پيون
منهنجي آهي مختصر زاهد اِها آتم ڪٿا
بس اِهو افسوس آ بي ڏوهہ آزاريو ويس
مان تہ پنهنجن جي نياڳي سوچ سان ماريو ويس



## ڏيئو

رات ڪي ڏيئو چوي ٿو
توکي چمڪڻ لاءِ گُهرجي
ڪير جهڙي روشني
مان ڀلا ايڏي سگهاري روشني آڻيان ڪٿان
مان تہ هڪ ننڍڙو ڏيئو هان
بس رُڳو هڪ جهوپڙيءَ کي
روشنيءَ ڏئي ٿو سگهان
رات ڪي روشن رکڻ لئہ
چنڊ چوڏهينءَ جو کپي ٿو
صبح ڪي پنهنجي سفر لئہ
صاف سُٿرو سِجُ گهرجي
سِجُ گرهڻ ۾ وتل آ
چنڊ ڪڪرن ۾ لڪيل آ
ها! مگر ڏيئو چوي ٿو
مان ڪيئي ڏيئا جلائي
رات ڪي روشن رکڻ جون همتون ڏئي ٿو سگهان
صبح ڪي پنهنجي سفر جون آٽتون ڏئي ٿو سگهان
آٽتون ڏئي ٿو سگهان






## سنڌ سلامت
## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book